ڊاڪٽر تهمينه مفتي

# شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي افسانوي ادب جو اڀياس

**Dr.Tahmina Mufti**

***Abstract:***

## The Study of Shams-ul-Ulama Mirza Kalich Beg's Fiction

*Shams-ul-Ulama Mirza Kalich Beg (1855-1929) is a prominent and an enlightened writer of early twentieth century Sindhi literature whose research, creative and scholarly contributions in the history of Sindhi literature are considered profound and foundational. He penned down in various genres of literature and filled in new colours with creative and scholarly efforts. This paper attempts to highlight Mirza Kalich Beg's novels, translated literary works, stories, and dramas. The 20th century was an era of change and modernization; Mirza Kalich Beg brought about change and modernity in Sindhi literature and criticized the status-quo. Mirza Kalich Beg's translated works, plays, and novels especially Dila Ram and Zeenat were written in the context of the change and existing social conditions in order to provide direction and ground for the social change and new trends of the era to be followed by the Sindhi society. Mirza Kalich translated the master pieces of French, Roman, English and Greek literature including the famous works by William Shakespeare, Victor Hugo and Broken T Wessington. His literary writings especially the translations aimed at understanding the values, traditions and change taking place in different societies and to introduce it to Sindhi society.*

*This study paper helps to understand Mirza Kalich Beg's literary contribution in the sindhi language through his original and translated works in the field of fiction and Dramma.*

*شمس العلماء* مرزا قليچ بيگ (1855-1929) سنڌي ادب جي ابتدائي دؤر جو روشن خيال ليکڪ آهي، جنهن جون تحقيقي، تخليقي ۽

علمي ڪاوشون سنڌي ادب جي تاريخ جو روشن باب آهن. ادب جي هر صنف تي قلم ڪنيائين ۽ اِيئن ادب جي خالي ڪينواس ۾ نوان نوان رنگ ڀري ڇڏيائين. سندس شخصيت ۽ ڪم بابت ڪيترن ئي عالمن رايا ڏنا آهن. علامه دائودپوٽو لکي ٿو،

"جهڙس همه گير اديب، نثر نويس ۽ شاعر اجا تائين پيدا نه ٿيو آهي..... جيڪڏهن سندس ادبي ڪرتبن ۽ ڪاوشن تي رکو نظر ڪجي ته بي نظير ڏسڻ ۾ ايندو." (1)

جي ايم سيد سندس فڪر ۽ شخصيت بابت لکي ٿو، "وحدت الوجود جو قائل سڀ ۾ پرين پسڻ وارو هو. حاڪمن ۽ ان جي طرفدار مُلا جي مذهبي تشريح ڪيس منظور نه هئي...... هن جي نظر ۾ نفرت ۽ ڪُفر ساڳي ڳالهه هئي." (2)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجيءَ صدارتي تقرير بعنوان "اچو ته رڪارڊ رکون" ۾ فرمائي ٿو،

"تاريخي طور اسان جو پهريون وڏو عالم، مدبر ۽ سنڌيءَ جو دانشور هو، جنهن هيڏو وڏو تاريخي ذخيرو ڏنو."

(3) محمد ابراهيم جويو کيس "انسان دوست اديب ۽ علم ادب جي هر شاخ کي هن سيراب ڪيو" ڄاڻائي ٿو (4)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ۾ سندس ڪاوش کي "هڪ ادبي اُتل" جي عنوان سان قلمبند ڪندي لکي ٿو، "مرزا صاحب جي قلم جيڪي جولانيون ڏيکاريون، تن سنڌي زبان جو ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو." (5)

مٿين عالمن ۽ محققن جي راءِ کي سامهون رکندي، هي تحقيقي مقالو مرزا صاحب جي طبعزاد ناولن ۽ ترجمو ڪيل ناولن، قصي نما ڪهاڻين ۽ الٿو ڪيل ڊرامن بابت آهي.

ادبي تاريخن ۾ مرزا صاحب جي لکيل ڪهاڻيءَ "شريفه بيگم" کي پهرين جديد ڪهاڻي قرار ڏنو ويو آهي، تنهن تي قلم کنيو ويو آهي ۽ ڪن تحريرن بابت (تحقيقي منسوبات) اصل ليکڪن بابت چند ڇاڻ جي ڪوشش ٿيل آهي ته جيئن مرزا صاحب جي تحريرن جي اهميت کي اجا وڌيڪ نروار ڪري سگهجي. سندس اختيار ڪيل موضوعن جي اهميت، جمالياتي پهلو، روشن خياليءَ واري پهلوءَ ۽ جدت پسنديءَ جي ابتدائي خاڪي ۽ اؤسر کي به بيان ڪري سگهجي.

افسانوي ادب جي ابتدا ۽ اهميت:

افسانوي ادب (Fiction) انساني ذهن ۽ شعور کي سکون ۽ ڏس ڏيندڙ، انساني فطرت جو تجزيو ڪندڙ احساسن کي جاڳائيندڙ ۽ آگاهي ڏيندڙ، سماجيات جو مطالعو ڪندڙ ۽ ٻين علمي شاخن سان واسطو رکندڙ هڪ ذريعو (Source) آهي. افسانوي ادب جنهن ۾ فرضي ڳالهيون به شامل آهن، تنهن هوندي به انهن ڳالهين جو ناتو ڪنهن نه ڪنهن سچائيءَ سان جُڙيل هوندو آهي.

افسانوي ادب جون صنفون آکاڻي، ڳالهه، قصو، داستان، سانگ ۽ تماشو، تمثيلي آکاڻيون (Parable) جن ۾ جانورن ۽ پکين جي ڪردارن ۾ علامتن جو ميڙ اچ به ماضيءَ جيان انساني ذهن کي اندلٺ جهڙن رنگن واريءَ دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو، جتي تصورن (Imagination) جي ڪهڪشان جو جهان ملي ٿو، جيڪو انساني تخيل ۽ ذهن جي پرواز جي بلنديءَ کي ظاهر ڪري ٿو. مثلاً آبِ حيات جو تصور، جنهن جا ٻه ڏُڪ پِري انسان ڊگهي عمر ماڻي سگهي ٿو، تنهن تي اچ به سائنسدان ۽ محقق ڪم ڪري رهيا آهن ته انساني زندگي ۽ جوانيءَ کي ڪيئن وڌائي سگهجي ٿو. اُهي ڪهڙا پاٽياٺ، ڪيميائي عمل ۽ ردعمل ۽ جزا آهن، جيڪي انساني زندگيءَ کي ڊگهو ڪري سگهن. اِهي محقق ابتدائي تجربن (ڪوئن تي) ۾ رڌل آهن. هوائن ۾ اُڏندڙ کٽولي جو تصور ته انسان صديون اڳ ئي حقيقت جي روپ ۾ آڻي چڪو آهي.
افسانوي ادب خاص طرح آڳاٽو ادب قديم سماجن جي پرک ۽ سماجي ارتقا (Evolution) جو آئينو آهي، هڪ اهڙي آرسي آهي، جنهن ۾ سماجي تبديلين، پلن قدرن جي جنم، روايتن جي پائماليءَ ۽ انسان جي نفسياتي لاڙن کي سمجهي ۽ ان جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو. سماجي گروهن، قبيلن ۽ قومن جو زندگيءَ بابت ڪهڙو لاڙو آهي، معلوم ڪري سگهجي ٿو. گڏجي رهندڙن پر مختلف ثقافت رکندڙن ۽ ٻولي ڳالهائيندڙن جي جمالياتي خيالن (Concept) جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. افسانوي ادب مٿين نُڪتن سان گڏ انساني جذبن جي اوک ڊوک ڪندي، ان جي بنيادي ڪارڻ کي سامهون آڻيندي جمالياتي تسڪين ۽ ذوق جي نمائندگي ڪري ٿو.

جديد ادب جي صنفن ناول، ڪهاڻيءَ ۽ ڊرامي انسان جي سارن مسئلن کي جن ۾ سماجي ۽ سياسي مسئلن کان وٺي، گهريلو ماحول، هڪ اڪيلي فرد جي موضوعي ۽ معروضي حالتن ۽ سوچ کي قلمبند ڪيو آهي. جديديت جي Modern Sensibility جي حوالي سان، هڪ

عام ماڻهوءَ جي سوچ ۽ خيال کي پنهنجين لکڻين ۾ موضوع طور آندو آهي.

مرزا صاحب جا لکيل ناول:

نئين ڪنڊ ۾ سماجي تحريڪن ادب کي نوان موضوع ڏنا. هندوستان ۾ برهمو سماج جون تحريڪون شروع ٿيون ته سماجي برائين ۽ عيبن جي نشاندهي ڪئي وئي. ان ۾ خاص موضوع عورت جي بي وسي، لاچاري ۽ بي علمي هئي. برهمو سڀا جيئن ته 20 آگسٽ 1828ع ۾ رام موهن راءِ قائم ڪئي هئي ۽ موهن راءِ ئي ستيءَ واري رسم لاءِ آواز اُٿاريو هو ۽ سنڌي صورتخطي ٺهڻ کان پهرين ۽ سنڌي نثر جي جنم وٺڻ کان پهرين، سماجي جاڳرتا جو هڪ وايومنڊل جُڙي چڪو هو. جڏهن 1853ع ۾ سنڌي صورتخطي جُڙي راس ٿي ته ان کان پوءِ تصنيف ۽ تاليف جو هڪ دؤر شروع ٿيو، جنهن ۾ علمي، ادبي ۽ تحقيقي مواد شايع ٿيڻ لڳو. اِن سان گڏ، ٻين ٻولين تان جهڙوڪ بنگالي، انگريزي، هندي ۽ فارسيءَ تان ترجما پڻ ٿيا.

مرزا صاحب جي اهم هم عصرن ۾ چيتمل پرسرام گلراجاڻي (سماجي سڌاري ۽ قومي ڪردار جي اهميت ڏيندڙ)، پيرومل مهرچندآڏواڻي (محقق جي حيثيت ۾ مڃتا ماڻڻ وارو، ناول، ناٽڪ ۽ شعر به لکيائين) ۽ لالچند امرڏنو مل (سليس ۽ نفيس ٻوليءَ جو ماهر) افسانوي ادب ڏانهن لاڙو رکندڙ اديب هئا. ڇئني ۾ ڪي هڪ جهڙايون هوندي به ڪي فرق معلوم ٿين ٿا. ڪين سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان پيار هو، جنهن جي ڪري سندن ڪم ۾ مختلف موضوعن تي قلم ڪنيل نظر اچي ٿو. ڪاڪي پيرو مل جو ناول "گولن جا گوندر" وريل نعمت ۽ لالچند امر ڏني مل جا ناول "چوٿ جو چنڊ" ، "ڪشني جو ڪشٽ" ۽ ترجمو ٿيل "سون ورنيون دليون" مرزا صاحب جي ناولن کان پوءِ آيا.

مٿين تمهيد ٻڌڻ جو مقصد هيءُ آهي ته مرزا صاحب جو پهريون ناول دلا رام 1888ع ۾ ۽ ٻيو زينت 1890 ۾ منظر عام تي آيا. جن مان "زينت" کي هڪ ڪلاسڪ جي حيثيت حاصل آهي. منهنجي خيال ۾ زينت ناول ان سماجي هلچل ۽ جاڳرتا جو ثمر آهي، جيڪو هندستان ۾ برهمو سماج جي نتيجي ۾ حاصل ٿيو. مرزا صاحب کي سنڌي مسلم عورت جي اڻچاڻائيءَ، بي علميءَ ۽ جاهليت جي پوري ڄاڻ هئي جو ڪيس ايئن ئي انهن حالتن ۾ رکيو ويو. ڪيس اها به خبر هئي ته سنڌي عورت سماج جي فرسوده ريتن رسمن جي زنجيرن ۾

جڪڙيل آهي،. اهڙي ناول جي تخليق ٿيڻ جو ٻيو اهم سبب ته جنهن سماج ۾ هو رهيو پئي، تنهن کان هو واقف هو. ٽيون سبب انگريزي ادب جي اثر زينت جي ڪردار کي تخليق ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. جهڙيءَ طرح هندو عورت جي حقن لاءِ آواز اُٿاريو ويو، اهڙيءَ طرح مرزا صاحب به مسلم سنڌي عورت جي ڀلائيءَ لاءِ قلم کنيو. سندس لکيل ناول "زينت" سنڌي ادب جو اساس آهي، جنهن ۾ هڪ عورت جي ڪردار کي مثالي ڪردار تحت تخليق ڪيو ويو آهي. هن ناول حقيقت نگاريءَ کي متعارف ڪرايو. هن ناول جي ڪردار کي پرکڻ سان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هي ڪردار مرزا صاحب جي گهري مطالعي جي نتيجي ۽ سنڌي سماج جي گهري مشاهدي جي اثر هيٺ تخليق ٿيو. جيئن ته دلپسند قصا پڻ ساڳئي وقت ۾ پڌرا ٿيا، تن مان "جنهن ڪم جي پڇاڙي چڱي، سو سڄو ئي چڱو" ۾ هيلينا جو ڪردار، "ٻارهين رات" يا "جيڪا تنهنجي مرضي،" ويولا ۽ سندس ڀاءُ جو سامونڊي سفر ۾ ٻڏڻ کان بچي نڪرڻ، ۽ ڀاءُ جو وڇڙي وڃڻ، ۽ پوءِ پرديس ۾ ويولا جو مردانو ويس ڪري، ڊيوڪ آرسينو وٽ نوڪر ٿي بيهڻ ۽ ناول "زينت" ۾ به ساڳيون حالتون پيش ٿيل آهن، جن کي زينت سامونڊي سفر ۾ بچي نڪرڻ کانپوءِ منهن ڏئي ٿي، پر زينت ويولا کان وڏيڪ مصيبتون سَهي ٿي. تنهن جي لاءِ ناول زينت ۾ "ميلاپ" واري عنوان يعني يارهين باب کي ان ضمن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. مرزا صاحب هن باب ۾ زينت کي هڪ گهريلو ڪم ڪار ڪرڻ واريءَ پورهيت جي حيثيت ۾ ڏيکاريو آهي، جيئن ويولا جو ڪردار. زينت جي ظاهري حالت، ڏک ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ، جدائي ۽ ڏک ڏولاون جي ڪري مٽجي ويئي آهي، ان ڪري ڪيس سنڌس ور علي رضا ۽ ٻيا گهر ڀاتي سڃاڻي نٿا سگهن. ڪردار نگاريءَ جي اها وڏي ڪمزوري آهي، جنهن کي پڙهڻ واري جو ذهن قبول نٿو ڪري.

ناول زينت گهڻي مطالعي ۽ سماجي حالتن جي اُٿل پٿل جي نتيجي ۾ تخليق ٿيو ته جيئن سنڌي سماج نون رجحانن ۽ لاڙن جو اثر قبول ڪري ۽ اڳتي وڌي سگهي. علي رضا جي ڪردار ۾ روشن خيالي ۽ جدت نظر اچي ٿي. هو عورت جي ظاهري حُسن کان ته فطري طرح سان متاثر ٿئي ٿو، پر زينت جي ڄاڻ ۽ هنر کي به هو اهم سمجهي ٿو. مثال هي سٽون نواڻ ۽ تبديليءَ کي ظاهر ڪن ٿيون، "ٻين سڀني ڳالهين سان گڏ، انهيءَ ڳالهه جي به ضرورت آهي ته لکڻ پڙهڻ ايندو

هجيس ۽ نيڪ زال هجي، ۽ آئون پنهنجي سِر انهي ڳالهه جو ڪائنس واقف هجان ۽ جي امڪان هجي ته اها منهنجي ڏنل هجي ته چڱو.“ ناول ۾ علي رضا، جان بيبيءَ ۽ مريم جا مڪالمه آهن ۽ اُهي اهڙي ردعمل کي ظاهر ڪن ٿا جن مان هڪ قدامت پسند سماج جي چٽي تصوير ڏسي سگهجي ٿي.

علي رضا جي ڪردار ۽ روميو جيوليٽ جي هڪ ڪردار سينٽ لارينس جي ڪردارن ۾ خيال جي هڪ جهڙائي جهلڪي ٿي، جيئن روشن خيالي، سچائي ۽ فرسوده ريتن رسمن ۽ دشمنين جي خلاف هي ڪردار پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪندا نظر اچن ٿا.

مرزا صاحب جي هن ناول ۾ داخليت به ملي ٿي، جنهن کي هن نهايت خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو آهي، سندس خاندان مٿان گذريل واردات، حادثن ۽ غلاميءَ ۽ آزادي، انساني خريد ۽ فروخت واري الميي کي ناول جي ٽئين باب ۾ بيان ڪيو آهي. هي سندس خاندان جي سوانح پڻ آهي، جنهن کي هن ناول ۾ بيان ڪيو آهي. ”اها ڳالهه جي بازار هفتي ۾ کُلندي هئي، سو انهيءَ هفتي علي نواز وري ٻيو مالڪ ڪيو. انهيءَ طرح ٻن ورهين جي اندر هن ڇوڪر پنج ڀيرا انهيءَ بازار جو منهن ڏٺو.“ ان ڪانسواءِ علي نواز جي ماءُ قيد ۾ زهر کائي پنهنجو انت آڻي ٿي، جنهن کي پڻ دکدائڪ انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ ٻاهران آيل خاندانن ۽ مقامي ماڻهن، سنڌ ۾ خاص طرح شهرن ۾ هڪ نئين ثقافتي دؤر جي ابتدا ڪئي. جنهن مقامي رنگ سان ملي هڪ نئون رنگ اختيار ڪيو، تنهن کي پڻ هن ناول ۾ زوراڻتي ۽ اثرائتي نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ جٽ ته قدامت ۽ روشن خياليءَ ۽ جدت جو موازنو ڪيو ويو آهي. سنڌي سماج جي جذب ۽ قبول ڪرڻ واري خاصيت ۽ گُڻ کي به نروار ڪيو ويو آهي.

زينت جو ڪردار، سنڌي عورت کي نئون نياپو ڏئي ٿو. اهو نياپو سنڌي سماج کي، مئل ۽ فرسوده رسمن جي خلاف، تيار ڪري ٿو ۽ نئين گس ڏانهن وٺي وڃي ٿو. ٻيو اهم نُڪتو هيءُ آهي ته سنڌي عورت جو جياپو علم، ڄاڻ ۽ شعور کي حاصل ڪرڻ ۾ آهي. انهن سماجي روايتن کي قائم رکجي، جن جي ڪري سنڌي عورت جي عزت، حيثيت ۽ حقن ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ته جيئن هڪ روشن خيال، نسل ۽ سماج جنم وٺي سگهي ۽ نتيجي ۾ اهڙو ماحول هرهڪ کي ميسر ٿئي جو هو قوم لاءِ بهترين ۽ ايندڙ نسلن کي سڌاري ۽ سندن رهنمائي

ڪري سگهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪتابن ۾ لکيل روشن خياليءَ وارا پيغام پڙهي وسارڻ بدران انهن تي عملي ڪمَ ڪرڻ گهرجن. ناول زينت جي تخليق ۽ اشاعت کي سئو سالن کان به وڌيڪ وقت ٿيو آهي. مقصد جي لحاظ کان هن جي وڏي اهميت آهي، پر ناول جو عملي سماجي ڪارج اڻ پورو آهي جو سنڌ جي ماڻهن جي آسي سيڪڙو آبادي اڻ پڙهيل ۽ ٻهراڙين ۾ رهي ٿي. زينت ۽ علي رضا سماجي جاڳرتا ۽ شعور کي بيدار ڪن ٿا. ناول ۾ سجاڳ ڇوڪريءَ جي عنوان سان ٿيل بحث، سماج ۾ عام رواجي روايتن، رسمن تي تنقيد ٿيل آهي. زينت جو ڪردار چڱي نموني پنهنجن حقن ۽ فرضن کان آگاهه آهي. هي ناول جدت ۽ روشن خياليءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو. هن ناول ۾ علي رضا کي روايتي مرد جي صورت ۾ نه پر هڪ جاڻو، ذهين ۽ مثبت سوچ رکڻ واري مرد جي حيثيت ۾ ڏيکاريو ويو آهي. مرزا صاحب کي بنا ڪنهن هٻڪ جي سنڌي ٻوليءَ جي جديد ناول جو بنياد وجهندڙ اديب چئي سگهجي ٿو.

مرزا صاحب جا ترجمو ڪيل ناول:

گذريل صدين ۾ يا موجوده وقت ۾ ترجمي جي اهميت هميشه رهندي ايندي. ترجمي جي ڪري نوان تصور ۽ خيال معلوم ٿين ٿا. ٻين ٻولين جي ثقافت، سماجيات، فلسفي، نفسيات، فن (Art) جمالياتي حس ۽ Approach جي ڄاڻ ٿئي ٿي. ڪنهن به فن پاري جي تخليق ۽ فڪر جو هڪ ذريعو يا سرچشمو ترجمو به چئي سگهجي ٿو. مٿين نُڪتن کي سامهون رکي مرزا صاحب جي ڪيل ترجمن کي پرکي ڏسبو ته سندن اهميت نروار ٿيندي نظر ايندي. هونئن به هڪ ڌاري ٻوليءَ جي اظهار جي قوت کي ٻي ٻوليءَ ۾ آڻڻ نهايت نازڪ ۽ فني مهارت جي تقاضا ڪري ٿو. ترجمو ٿيندڙ ٻولين جي ڄاڻ پڻ اوليت رکي ٿي.

مرزا صاحب جيڪي به ترجما ڪيا، اُهي رومانوي ماحول تي ٻڌل هئڻ سان گڏ انهن ۾ ٻين سماجن جي جوڙجڪ، رهڻي ڪهڻي، فڪر ۽ سوچ پڻ ملي ٿي. مرزا صاحب جي ڪيل ترجمن ۽ اصلوڪن ناولن جي ٻوليءَ ۽ اسلوب جي ڪوشش بابت ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو، ”مرزا صاحب هڪ بسيار نويس اديب هو. هن ساري زندگي ڪتابن جا ترجما ڪيا، اُهي ايترا ته ڪثير تعداد ۾ هوندا هئا جو ڪين ڪتابن جي ٻوليءَ تي نظرثاني ڪرڻ جي فراغت ميسر نه ٿيندي

هئي. جيئن هڪ پيرو لکي چڏيندا هئا تيئن ان کي اشاعت لاءِ ڏياري موڪليندا هئا. سندس ناولن ۾ جيتوڻيڪ بامحاوره ۽ سليس ٻولي آهي، تاهم اسلوب ۽ بيان ۾ اها خوبصورتي ۽ فطري ڪشش پيدا نه ٿي سگهي، جيڪا ناولن جي قريني ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي.“ (6)

ڊاڪٽر الانا جي چوڻ مان اها ڳالهه سمجهي سگهجي ٿي ته هو اها ڳالهه نور افروز ڏانهن منسوب ڪري ٿو، جنهن مرزا صاحب کي بسيارگو نويس سڏيو آهي. حالانڪه ڏٺو وڃي ته وڏي عرصي کان ڪيترن عالمن ۽ اديبن مرزا صاحب کي ”بسيار نويس“ پئي سڏيو ۽ لکيو آهي. جيئن ته مٿي ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ مرزا صاحب جي اسلوب جي باري ۾ پنهنجي هڪ راءِ قائم ڪئي آهي. عرساڻي صاحب جي هن راءِ تي منهنجو خيال هيءُ آهي ته باوجود ان جي ته کيس فرصت نه هئي ته هو ترجمو ڪيل ڪتابن تي ٻيهر نظر وجهي، تڏهن به سندس ڪيل ترجمن جي ٻولي، بامحاوره ۽ سليس هئڻ سان گڏ سهڻو اسلوب ۽ نزاڪت پري نظر اچي ٿي. ڪنهن هنڌ تي ڪا ڪچائي آهي ته ان کي نظرانداز ڪري سگهجي ٿو. مرزا صاحب جي آڏو اِهو اهم هو ته اصل ڪتاب جو مغز ۽ مقصد قائم رهي. مثال ڏجي ٿو، ”ديول جي گهڙيال ٻن جا ٽڪاءَ وڄايا. هو ساري عمر اِهڙي هنڌ تي نه سُتو هو، تنهن ڪري چئن ڪلاڪن جي گهريءَ ننڊ ڪري ٽڪ پڳائين ۽ تازو توانو ٿي اُٿيو. هن وري به سمهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ننڊ اصل نه آيس ۽ خيالن تي خيال من ۾ ڊوڙڻ لڳس. نيٺ هڪڙو خيال زوراٺو پيدا ٿيس، جنهن ٻين خيالن کي پڇائي ڪڍيو. پادريءَ جي ماني کائڻ واري جاءِ ۾ چانديءَ جا ٿانوَ ۽ ڪانٽا چريون ڏٺيون هئائين، انهن تي دل سرڪيس. جاءِ پري ڪين هئي ۽ سڀ ماڻهو سُتا پيا هئا. ساري سامان جو ملهه اٽڪل ٻن سوَن فرينچ روپين جيترو هو، يعني جيڪي پئسا وٽس هئا، تن کان ٻيڻا. انهيءَ لالچي خيال کي روڪڻ جي گهڻي ڪوشش ڪيائين، پر روڪي نه سگهيو. گشيون ڪائي ڪائي نيٺ اُٿيو. اگرچ بتي ڪانه ٿي ٻري ته به گهڻي اونداهي نه هئي. ٻاهر چانڊوڪي هئي ۽ ڪڪر چنڊ جي اڳيان هر هر پئي لنگهيا. نيٺ هو دري ٽپي انهيءَ جاءِ ۾ ويو.“ (7)

حاجي بابا اصفهاني:

اصل ۾ هي ترجمو ڪيپٽن جيمز موريئر ( Captain James Merrier) جي لکيل ناول جو ترجمو آهي. هي اُهو دؤر هو ، جڏهن فتح

علي شاهه قاچار ايران جو بادشاهه هو ۽ سنڌ تي مير ٽالپرن جي حڪومت هئي. جيمز ايران جي سياحت ڪئي ۽ ويهه ورهيه ايران ۾ رهيو. جيمز ايران جي ان وقت جي حالتن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ ايران جي اخلاقي، سماجي ۽ معاشي حالتن کي نروار ڪندي ايراني ماڻهن جي نفسيات، مذهبي منافقي ۽ ظاهري هلت چلت کي بيان ۽ وائکو ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ عورت جي زندگيءَ ۽ سماجي حيثيت تي پڻ لکيو ويو آهي. هن ناول جو مرڪزي نُڪتو هيءُ آهي ته ڏاهپ ۽ سياڻپ سان حيثيت حاصل ڪري سگهجي ٿي. جيئن ڪهاڻيءَ ۾ حاجي بابا اصفهاني هڪ حجم هو، پر پوءِ مصيبتون برداشت ڪري بادشاهه جي دربار ۾ امير جي عهدي تي پهچي ويو.

عورت ۽ ان جي حيثيت جي باري ۾ اقتباس هيءُ آهي: ”زينب چيو ته مون کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ لاءِ پوئين قطار ۾ ڪٽي بيهاريائون. نورجهان شيدياڻي کان به گهٽ. ليليٰ به بادشاهه جي ڌيان ڇڪڻ لاءِ گهڻا ئي هنر هلايا. ڪي لڄ کان ڪنڌ هيٺ ڪيو بيٺيون هيون، ڪن لکيو يا پاسيرو نگاهه پئي ڪئي. هر هڪ تي (بادشاهه) نظر ڦيرائيندو جڏهن مون تي آيو، تڏهن مون ۾ ڪٽي نظر ڄمايائين. پوءِ حڪيم ڏانهن منهن ڪري چيائين، هيءَ ڪهڙي قسم جي شيءِ آهي؟ جهڙو تهڙو مال نه آهي، حڪيم ماشاءَ الله تو چونڊ چڱي ڪئي آهي، چنڊ جهڙو منهن، هرڻ جهڙيون اکيون، سرو قد، چيلهه سنهي، سڀ شيءِ هن ۾ موجود آهي.“ (8) موريز جو هي ناول 1823ع ۾ ڇپريون پيرو لنڊن ۾ ڇپيو.

مصيبت ماريا، سائڻ ءَ سنواريا ”Les Miserables“ :

مٿيون مشهور ناول Victor Hugo جو لکيل آهي، جنهن کي مرزا صاحب سنڌيءَ ۾ آندو. هُو لکي ٿو، ”ڪتاب جو سمورو ترجمو نه ڪيو اٿم پر ان جو سارو مضمون سنڌيءَ ۾ ڏنو اٿم. ڪي ٿورا پاڳا ۽ نالا غير ضروري سمجهي ڇڏي ڏنا اٿم.“

هي ناول طويل ۽ 365 بابن تي مشتمل آهي. 1789ع ۾ فرينچ انقلاب (French Revolution) جي شروعات ٿي چڪي هئي. هي ناول هيوگو جو مشاهدو آهي. پيرس جي
گهٽين (1845ع) ۾ ٿيندڙ واقعن، ڪيس تحرڪ ۾ آندو. اهو به چيو وڃي ٿو ته:

“As the years passed, Les Miserables, envolved as Hugo’s own life experience, shaped in Philosophy. He in corporated personal memories of all kinds in the novel, often mixing every days trainial fact with fiction to give the story a sense of journalistic truth.” (9)

1862ع ۾ جڏهن هي ناول آيو ته Anapic ۾ نثر جو بهترين مثال ۽ سياسي ٿيوري رکندڙ ناول جي حيثيت ۾ مشهور ٿيو. هن ناول جا ڪردار جين وليان (Jean Vallean) ڪيسٽل (Casetle)، فينٽائن (Fantine)، ميريئس (Marius) آهن. هي ناول فرانس جي اخلاقيات، غربت، مذهبي حالتن ۽ ان وقت جي لاقانونيت ۽ ان سان گڏ مذهب انساني زندگين کي ڪيترو متاثر ڪري ٿو، تنهن کي ڏيکاريو ويو آهي. ان کان علاوه ملڪي قانون کي معمولي ڏوهه تي طويل سزا ڏيڻ جو اختيار حاصل هو، جنهن جو شڪار جين وليان ٿيو. ترجمو ٿيل ناول مان چند سٽون ڏجن ٿيون، جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ته ان مثالي نثر (Anapic) کي سنڌيءَ ۾ ڪيئن آندو ويو آهي.

“Any path, and people are not found of walking in that direction, because the grass is high and their feet are immediately wet. When there is a little sunshine, the lizards come thither. All around there is a quivering of weads. In the spring, limets warble in the trees. This stone is perfectly plain. In cutting it the only thought was the requirements of the tomb, and no other care was the taken then to make the stone long enough and narrow enough to cover a man..” (10)

**ترجمو:** ”قبرستان جي هڪڙي پاسي ۾، جتي غريب مسڪينن جون قبرون آهن، اُتي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ هڪڙي وڏي درخت هيٺ، گاهه سان ڍڪيل هڪڙو پهڻ ڏسڻ ۾ ايندو. اُهو هڪڙيءَ پراڻيءَ قبر جو نشان آهي. جهونائيءَ ڪري انهيءَ تي سينور چڙهي ويو آهي، جڏهن ڪو اُس جو تڙڪو انهيءَ تي پوي، تڏهن ڪي ڪرڙيون ۽ سانڊيون اچي ويهنديون آهن. مٿان وڻ تي سوين ننڍڙا پکي ويهي مٺيون ٻوليون ٻوليندا آهن، انهيءَ پهڻ تي نڪو نالو آهي، ۽ نه وري ڪو نشان. ڪنهن کي به خبر ڪانهي ته اهو ڪنهن جي قبر جو نشان آهي.“ (11)

گلن جي ٽوڪري (Basket of Flowers):

هيءُ ناول جرمنيءَ جي هڪ عالم ڪرسٽاف وان شيڊ لکيو. هن ناول جو موضوع طبقاتي تفاوت، ان وقت جي قدرن، اميري غريبي، مذهبي پس منظر ۽ ان جي تبليغ تي ٻڌل آهي. ويساهه،

سچائي ۽ يقين جنهن سماج ۾ موجود آهن، سي ترقي ڪن ٿا ۽ سڀني مرحلن کي (روحاني ۽ مادي) طئي ڪندا اڳتي ٿين ٿا. Nature ۾ جيڪا سونهن آهي، اهڙي ئي انسان جي مزاج ۽ شخصيت ۾ به هئڻ گهرجي. موضوعي ۽ معروضي سونهن (Objective & Subjective) جو ادراڪ هن ناول ۾ زورائتي ۽ اثرائتي نموني ۾ موجود آهي. هيءُ ناول وڏن ۽ ٻارهن ورهيه جي عمر تائين پهچندڙ ٻارن لاءِ پڻ آهي.

مرزا صاحب جي ڪيل ترجمي ۾ سولي ۽ وڻندڙ ٻولي ڪتب آندل آهي. جذبن ۽ احساسن کي، جڻ ته تخليق ڪيو ويو آهي. هن ناول جو مرڪزي ڪردار ميري، جنهن کي سونهن سان پيار آهي ۽ هوءَ اندر ۾ به اُهو ئي پيار ۽ سڪ رکي ٿي. هن ڪردار جي تربيت مذهبي اُصولن ۽ سچائيءَ جي پهرئين سبق ڏيڻ يعني يقين رکڻ سان ڪيل آهي، پر ڪڏهن اِيئن به ٿيندو آهي، جيئن ميريءَ سان ٿيو، هن کي ناڪرده گناهه جي سزا ملي ٿي ۽ قيد ۾ وڃي وجي ٿي. هيٺ اقتباس ڏجي ٿو، جنهن مان ٻوليءَ ۽ ڪردار جي ڄاڻ ملي ٿي:

”اوچتو هڪڙي ڪاري ڪڪر چنڊ کي ڍڪي ڇڏيو، تنهن ڪري ميري گلن کي وڏيڪ ڏسي نه سگهي ۽ ڪوٺيءَ ۾  اهڙي اونداهي ٿي وئي، جو دل ٻئي منجهيس، پر سگهو ئي ڪڪر لنگهي ويو ۽ چنڊ اڳي وانگي چمڪڻ لڳو. تڏهن چوڻ  لڳي، ”اجهو انهيءَ طرح سچ به ٿوري وقت تائين رهي ٿو پر نيٺ پنهنجي اصلوڪي روشنيءَ سان ئي چمڪي ٿو.  يا خدا، ساڳيءَ طرح منهنجي بيقصوريءَ جي حالت، جا شڪ جي ڪارن ڪڪرن هيٺ اچي ويئي آهي، تنهن کي نيٺ تون سڀني ڪوڙين تهمتن تي غالب ڪندين.“ (12)

ٽي گهر Three Homesايرڪ Eric ۽ جولئن هوم Julian Home:

مٿين ٽنهي ناولن جو لکندڙ F.W. Farar آهي. پهرئين ناول ”ٽي گهر“ جو موضوع دولتمند خاندانن سان تعلق رکندڙ قصو آهي. هن ۾ هڪ گهر جو تعلق هڪ اهڙي ڪٽنب سان آهي، جيڪو وچولي طبقي سان تعلق رکي ٿو، جو Self-made آهي، جنهن جو نالو ڊگلس رالف آهي. هو علم پرائڻ سان محبت رکي ٿو. سندس پٽ رالف ڪرڪيٽ ۽ راندين سان چاهه رکندڙ هڪ نوجوان آهي. ڊگلس، رالف جو پيءُ سخت مزاج رکي ٿو. سختيءَ جي ڪري ڪيترائي مسئلا پيدا ٿين ٿا. انهن کي نهايت ئي قريني سان، واقعن جي صورت ۾ آندو ويو آهي. ڪرسٽي رالف جو ننڍو ڀاءُ آهي، جنهن کي پنهنجي ڀاءُ سان گهٽي

محبت آهي. ڪرسٽي گهر جي ماحول ۾ پيءُ جو رالف سان سختيءَ وارو رويو ڪيس هميشه ڏڪارو ڪري ٿو. گهر جي ماحول ۾ يڪجهتي پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو. هي هڪ ٽريجڊي ناول آهي، جنهن ۾ ڪرسٽي جو موت واقع ٿئي ٿو.

هن ناول ۾ انگريز سماج ڪيئن ارتقائي مرحلا طئي ڪندو، هن دؤر تائين پهتو آهي، تنهن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. پيءُ ماءُ جو ڪردار ٻار جي شخصيت ڪي ڪيترو متاثر ڪري ٿو، تنهن ڪي هن ناول ۾ جذباتي ۽ احساساتي منظرن ذريعي تخليق ڪيو ويو آهي. ماءُ جو ڪردار، ان وقت ڪوبه رول ادا نٿو ڪري سگهي، جڏهن پيءُ سخت ۽ آمر مزاج جو آهي. اقتباس ڏجي ٿو، جنهن مان ترجمي جي سونهن ۽ ٻوليءَ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو:

”ڪرسٽي روئي چيو ته ”رالف بابو ڏاڍو ڪاوڙيل آهي، خبر اٿئي ته ڇا ٿو چوي؟“

رالف انتظار مان پڇيو، ”ڇا ٿو چوي؟“

ڪرسٽي چيو، ”چوي ٿو ته هن کي اصل اسڪول مان اُٿاري ڇڏيندس، ۽ وري اوڏانهن وڃڻ نه ڏيندس.“

رالف بي آرام ٿي چيو، ”ڇا هڪدم مون کي اسڪول مان ڪڍندو ۽ لحظي جو به اطلاع نه ڏيندو؟ اها ڳالهه چڱي نه اٿئي، سپڪو چوندو ته هن کي اسڪول مان ڌڪي ڪڍيو اٿن.“

ماٽس چيس، ”آءٌ ڀانيان ٿي ته آءٌ ڪيس منٿ ڪنديس ته توکي هڪڙي ٽرم تائين وڌيڪ رکي، پر مون کي پڪ آهي ته هن توکي اُٿارڻ جو ارادو ڪيو آهي.“ (13)

ايرڪ:

هي قصو اسڪول جي ماحول، شاگردن ۽ استادن کي ڪيئن هلڻ گهرجي، تي ٻڌل آهي. هن ڪتاب جو پهريون باب هن نموني ۾ شروع ٿئي ٿو:

”هڪڙو ننڍو ڇوڪر، نچندو ٽپندو ۽ تاڙيون وڄائيندو، وڏي سڏ ”هُري! هُري!“ ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو، ”اِجهو هاٽي هفتي ڪن جي اندر بابو ۽ امان ٻئي گهر ايندا، پوءِ اسين ٿورو وقت هتي رهنداسين ۽ تنهن کان پوءِ آءٌ اسڪول ڏانهن ويندس.“

انهيءَ ڇوڪر جي ماسات مس فئني به هڪڙي ڪرسيءَ تي ويٺي هئي ۽ ماٽ ڪري ويٺي سئيءَ جو ڪم ڪيائين. انهيءَ ڇوڪر

جي خوشيءَ جي رڙين ۽ ٻولن ڏانهن ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنائين. هو نچندو ٽپندو، سندس ڪرسيءَ وٽ اچي وري به چوڻ لڳو، "پوءِ مس فئني آءٌ اسڪول ويندس."

فئني ڪنڌ مٿي ڪٽي آرام سان چيو، "بابا آءٌ پانيان ٿي ته ورهيه ڪن ڪان پوءِ تون اسڪول بابت اهڙي خوشيءَ سان ڳالهائيندين، جهڙي هينئر ٿو ڳالهائين."

هن چيو، "پلا فئني تون ايئن چو نه چوندينءَ، تون هميشه اڳ ڪٿيون ڪندي آهين پر فڪر ناهي، آءٌ ته اسڪول ويندس، واهه! واهه! هُري! هُري!." (14)

ايرڪ، حساس، ذهين ۽ مزاج جو تکو ۽ سهڻو هو. تيز فهم ۽ عقل وارو ڇوڪر جنهن کي ننڍي هوندي ئي ماءُ پيءُ کان جدائي سَهڻي پئي. اها هڪ درد ڀري ڪهاڻي آهي.

جولئن هوم:

هيءُ ناول ڪاليج جي سطح واري تعليم ۽ تربيت واري موضوع تي ٻڌل آهي. هن ۾ مذهب جي اهميت ان حوالي سان ته مذهب ظاهري سڪيا نه آهي، پر عادت آهي. جولئن هوم
مان هي چند سٽون منظر نگاريءَ، سهڻي ترجمي ۽ ٻوليءَ جو هڪ نمونو پيش ڪن ٿيون:

"مئي جو مهينو هو، بهار جي موسم هئي، گل ڦل پئي ٽڙيا ۽ ساوڪ لڳي پئي هئي. شام جي شفق جو نهايت سهڻو نماءُ هو، جنهن جو عڪس جاءِ جي درين تي ۽ نديءَ ۾ ترندڙ هنس پکين جي پَرن تي پئي پيو." (15)

ڪاليج ۾ پڙهندڙ شاگردن لاءِ کهڙا اُصول ۽ قانون بهتر آهن، جن جي هوندي هڪ شاگرد جي آئيندي کي ڪيئن بهتر بڻائي سگهجي ٿو. سزا ۽ جزا ڪيتري قدر ڪارگر آهي، تنهن تي پڻ روشني وڌل آهي. اهڙن ترجمن مان مراد اها ئي نظر اچي ٿي ته سنڌ جو تعليمي نظام بهتر ۽ شاگردن جي تربيت چڱي نموني ٿي سگهي. مرزا صاحب جي هنن ڪوشش لاءِ ڪيس جس ۽ آفرين هجي.

گليور جو سير ۽ سفر:

مٿيون جڳ مشهور ڪتاب جنهن جا چار ڀاڱا آهن، تن مان ٻن جو ترجمو مرزا صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيو. انگريزيءَ ۾ تحرير ڪيل هيءُ ڪتاب Swift Notten (1665ع-1745ع) جو لکيل آهي.

هن ڪتاب جي مواد تي جامع تنقيدي تعارف رشيد آخوند لکيو آهي. هو لکي ٿو، ”گليو ر جو سفر هڪ طنزيه تصنيف آهي، پر ان ۾ سئفٽ جي طنز جو دائرو تمام وسيع آهي. سئفٽ ان تصنيف ۾ سڄي انسانيت جي حماقتن، بڇڙاين ۽ اخلاقي ڪمزورين تي سخت چوٽون ڪري ٿو.“ (16) هي قصو مضمون جي صورت ۾ لکيل آهي. هن ڪتاب جا پهريان ٻه ڀاڱا مزاحيه اسلوب ۾ لکيل آهن، ان ڪري هنن ڀاڱن کي ٻارن جي ڪورس تي پڻ رکيو ويو. جنهن دؤر ۾ هيءُ ڪتاب لکيو ويو، اُهو دؤر انگريزن جي عروج ۽ طاقت وارو دؤر هو ۽ ان جي زور تي دنيا جي گهڻي ڀاڱي ۽ حصن کي پنهنجي ڪالوني بنائي چڪو هو. هونئن به انگريزي سياست جو 18هين صديءَ وارو دؤر پنهنجن کي نوازڻ، سياسي سازشن، چالبازين ۽ پارٽي بازيءَ جو دؤر هو. انهن خرابين کي اميرانه ذهنيت کي نفاست پسنديءَ جي ذمري ۾ شمار ڪيو ويندو هو. گذريل صدين کي ڏسجي ته انساني جذبن کي پڻ خانن ۾ ورهايو ويو. اسٽيج ڊرامو جڏهن عام ٿيو ته مسخري، خوشي ۽ مزاح هيٺين طبقي جي حصي ۾ ۽ ڏک برداشت ڪرڻ، قرباني ڏيڻ مٿانهين طبقي لاءِ منسوب ڪيو ويو. آڳاٽي وقت کان ڊرامن جي قسمن کي طربيه ۽ الميي جو نالو ڏنو ويو. Minturno (1559ع) جي نظريي موجب ”الميو اعليٰ طبقي جي ماڻهن جي غمناڪ ۽ المناڪ حالتن تي مشتمل آهي ۽ طربيه جو تعلق معاشري جي وچولي طبقي ۽ شهر جي عام ماڻهن لاءِ هوندو آهي.“ (17) هڪ صديءَ ڪانپوءِ Chaplain پڻ اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو. سندس راءِ ۾ ”الميو جيڪا ڊرامي جي اعليٰ ترين صنف آهي، شاعر اعليٰ طبقي سان تعلق رکندڙن جي عمل جي نقل ڪندو آهي ۽ طربيه ۾ متوسط يا ادنيٰ ماڻهن جي حالتن کي پيش ڪيو ويندو آهي.“ (18) سماجي بهتريءَ ۽ انسانيت جي آفاقي قدرن جو پرچار جن لاڙن جي ذريعي ٿيو، تن ۾ تصوراتي حقيقت پسندي (Fantasy Realism) ۽ علامت جو استعمال (Symbolic) اسلوب ۽ اظهار جي مختلف اندازن کي سامهون آندو. سئفٽ 18هين صديءَ جي روشن خياليءَ ۽ عقل پسندي (Reason) کي اهميت ڏني. پتڪڙن انساني ڪردارن جي روپ ۾ هو ان سماج تي

طنز ڪري ٿو، جنهن ۾ هو انساني قدرن ڪي زوال پذير ٿيندو ڏسي ٿو. ۽ ان دؤر جي سياسي چالبازين ڪي وائڪو ڪيو اٿائين. هن ترجمي ڪي پڙهڻ سان مرزا صاحب جي چونڊ ڪي داد ڏيڻو پوي ٿو. چند سٽون مثال طور ڏجن ٿيون:

”اوچتو هڪڙو ماڻهو اُتي جو رهاڪو پاسي واريءَ ٻنيءَ ۾ ڏنم، جو بند ڏي ٿي آيو. ايڏو وڏو هو، جهڙو راڪاس جو سمنڊ ۾ اسان جي جهاز جي پٺيان پيو هو. اهو ديول جي مناري جيڏو ڊگهو هو ۽ هرهڪ ٻرانگهه اٽڪل ڏهن والن جي هيس.“ (19)

18هين صديءَ جي روشن خياليءَ ۽ عقل پسنديءَ (Reason) کان واقفيت انهن ترجمن ذريعي ٿي، ان جو اثر سنڌي ادب تي به ٿيو. مرزا صاحب جيڪڏهن انگريزي ادب جي هن ڪلاسڪ حيثيت رکندڙ فن پاري جي رهيل ٻن حصن جو به ترجمو ڪري ها ته سنڌي ادب ان کان محروم نه ٿئي ها. تڏهن به ڪيس جس ۽ آفرين هجي جو هن سنڌي ادب جي خالي دامن کي پري چڏيو.

سچي محبت (Henrietta temple):

هيءُ ناول آرل آف بيڪنسفيلڊ جو لکيل آهي. مرزا صاحب مهاڳ ۾ لکي ٿو، ”ان جو سارو مضمون ضروري ڦير گهير ۽ پچ گهڙ ڪرڻ کان پوءِ هتي آندو ويو آهي.“ مرزا صاحب جي ڪيل ڦير گهير جي باوجود هن ناول جي ماحول، اسلوب ۽ اصل مضمون کي پڻ ڏسي سگهجي ٿو. هيءُ ناول رومانس ۽ قديم انگلينڊ جي مذهبي، سماجي ۽ سياسي تاريخ ۽ اُٿل پٿل جي پس منظر ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ هڪ خاندان آرمن پنهنجي بقا ۽ عزت حاصل ڪرڻ لاءِ جا جدوجهد ڪئي، تنهن کي بيان ڪيو آهي. ترجمي مان ڪي سٽون ڏجن ٿيون:

”ليڊيءَ مرڪيو ۽ اُهو مرڪڻ، فرننڊ کي ائين ڏسڻ ۾ آيو جيئن سج جهُڙ مان ڪني ڪيندو آهي. انهيءَ مُرڪڻ ڪري هن جي گلابي ڳلن ۾ ڪڏون پئي پيون.“ (20) هي هڪ رومانوي ناول پڻ آهي، جنهن ۾ محبت، وفا ۽ سچائيءَ جهڙن جذبن کي نروار ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ ليڊي بلير جو ڪردار پنهنجي بيهڪ ۽ ڳالهه ٻولهه ۾ مزاحيه ڪردار آهي.

الٿو ٿيل ڊراما

حسنا ۽ دلدار (Merchant of Venice):

مرزا صاحب جيڪي به الٿو ڪيا، سي برملا Original لڳن ٿا. حوالو ڏجي ٿو، جيئن سندس ٻوليءَ ۽ طرز کي پرکي سگهجي.

”بهرام خان: يار سچ ٿو چوان، خبر ناهي ڇو منهنجي دل اهڙي نموني جي ٿي پئي آهي، مون کي پنهنجي پاڻ جي خبر نٿي پئي، توکي ڇا ٻڌايان.

صفدر: آءٌ سهي اندازو ٿو ڪريان ته تنهنجي دل ڪٿي آهي، اها سمنڊ جي لهرن تي پئي لُڏي، جتي تنهنجا جهاز مال چاڙهيو سڙهه کوليو، پکين وانگي اُڏامندا ا چن.“ (21)

شهزادو بهرام (Hamlet) اُلٿو ٿيل:

مثال: ”بهرام: اڄ بادشاهه خوشيءَ جي مجلس ڪئي آهي، ناچ ۽ راڳ جي ڌم لڳي پئي آهي، شراب جا دور پيا هلن، هر هڪ دور جي پوري ٿيڻ تي توپن ۽ باجي وڄائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، هي انهيءَ جو آواز آهي.

بهزاد: اها هتي جي رسم آهي ڇا؟

بهرام: هائو رسم آهي..... ٻين ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو انهن بد رسمن ۽ عادتن جي ڪري نفرت ۽ ڪراهت ظاهر ڪن ٿا، اُهي اسان کي شرابي ٿا سڏين.“ (22)

شاهه ايليا، King Lear جو ترجمو ۽ ”فيروز دل افروز“ ليل ونهار تان الٿو، انڪوائري آفيسر (Government Inspector) تان الٿو ٿيل آهن.

فيروز دل افروز (Night & Morning) ناول مان اُلٿو ٿيل چند سٽون ڏجن ٿيون:

”دل افروز: سائين اجها چانهه ڪريو نوش جان، پوءِ هٽو ڪنهن ڪُنيءَ جي دل کي ڪان!

فيروز: آءٌ پاڻ زماني جي گردش ڪان ڪُٺو وتان، سو ٻين کي ڪيئن ڪهندس ۽ ڪان هٽندس؟

دل افروز: اهو انڪار جو ماڻهن کي قتل ڪري، سو قاتل آهي.

فيروز: ڪير قاتل ٿيو، ڪنهن قتل ڪيو؟

دل افروز (شرم سان): اوهان جي محبت ۾ آءٌ قتل ٿي آهيان، اوهين حُسن جي ترار ڪٽي اچي، منهنجا قاتل ٿيا آهيو.“

هن ڪتاب جو مضمون اصل لارڊ لٽن جي مشهور ڪتاب انگريزي ناول Night & Morning تان ورتل آهي، جنهن ڪي اردوءَ ۾ ناٽڪ جي صورت ۾ آندو ويو ۽ نالو "ليل و نهار" رکيو ويو. اتان مرزا صاحب سنڌيءَ ۾ آندو.

مرزا صاحب جو مقصد اهو ئي هو ته ٻين ادبيات تان ترجمو ڪري فڪر ۽ خيالن کي عوام تائين پهچائجي. ترجمو ڪيل "دلپسند قصا" يورپي سماج ۽ اطالوي رهڻي ڪهڻيءَ کي پيش ڪن ٿا. اُهي ڪهڻ دؤرن مان گذريا، کهڙيون روايتون ۽ حڪايتون ساري دنيا ۾ هڪ جهڙيون آهن، اهي معلوم ڪري سگهجن ٿيون ۽ ان مان ڪيترائي رواج پڻ معلوم ٿين ٿا، جيئن خانداني دشمني، ڏيئرن کي قتل ڪرڻ وغيره.

بادشاهي نظام تحت هلندڙ سماج ۽ ان سان وابسته کي چڱيون ڳالهيون، دانائيءَ ۽ نفسيات بابت اهم نُڪتا پڻ ملن ٿا، هيٺ دلپسند قصا جو تجزيو ڪجي ٿو:

هي قصا From Shakespeare Lambs Tales جي نالي سان مشهور آهن. منجهن شيڪسپيئر جي ڪيترن ئي نامور ناٽڪن جون ڪهاڻيون ڏنل هيون، جي اصل ۾ Mary Lambs ۽ Charles Lambs جي چونڊ هئي ۽ ٻنهي جي Compilation هئي. پهرين پهرين هيءُ ڪتاب 1890ع ۾ ٻن ڀاڱن ۾ ڇپيو. سنڌي ادبي بورڊ، وري ٻنهي حصن کي گڏي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ ڇپرايو. ساڳئي سال يعني 1890ع ۾ مرزا صاحب جو ناول زينت پڻ منظرعام تي آيو. مرزا صاحب نون موضوعن ۽ ڪردار نگاريءَ کي افسانوي ادب ۾ متعارف ڪرايو، جنهن جي ذريعي نوان لاڙا ۽ رجحان داخل ٿيا. منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو، "گهڻيون تڻيون آڪاڻيون رومانوي ۽ اخلاقي هونديون هيون..... پڇاڙيءَ ۾ ڀنگتي سڌاري (سماجي سڌاري) ڏانهن چٽو لاڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو." (23)

مرزا صاحب جي ترجمي ڪيل تمام مواد ۾ سماجي سڌاري، اُن دؤر جي تاريخي واقعن، ريتن رسمن بابت حقيقي ۽ تصوراتي پهلو نمايان ملن ٿا. مرزا صاحب جي ترجمن يا سندس لکڻين ۾ مٿيان نُڪتا نمايان آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سهڻو مثال آهي.

1- طوفان (Tempest):

هن قصي ۾ بادشاهي حڪومت واري دؤر ۽ سماج جو ذڪر آهي. جادو ۽ جن پڻ آهن. سازشي ذهن رکندڙ شخصيتون به ملن ٿيون. نيپلز جي بادشاهه ۽ پراسپرو (اصل بادشاهه) ۽ هن جي ڪوڙي ڀاءُ

انٽونيو جي ڪهاڻي آهي ۽ پراسپرو ۽ سندس ڌيءُ مرنڊا کي ڏورانهين ٻيٽ تي اڪيلائيءَ ۾ زندگي گذارڻي پوي ٿي، پر نيٺ حالتون پراسپرو جي موافق وڃن ٿيون. جادوءَ جي زور تي پراسپرو جا دشمن ان ٻيٽ تي اچن ٿا ۽ پراسپرو کان معافي وٺن ٿا. هن ۾ ايريل نالي هڪ ننڍڙو جن آهي، جو پراسپرو جو ساٿي آهي، فرڊنڊ نيپلز بادشاهه جو پٽ آهي، جو مريندا سان پيار ڪري ٿو ۽ دشمني ختم ٿي وڃي ٿي. پراسپرو، جادوءَ واري سامان کي زمين ۾ دفن ڪري هن هنر کي هميشه ختم ڪري ڇڏي ٿو. هن ۾ عشق، جادو، سازش ۽ ماورائي پهلو ۽ واقعا ملن ٿا. شيڪسپيئر جي هن قصي کي ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي به ترجمو ڪيو، جيڪو ڪوڙي مل سنڌي ساهت منڊل ڪاهي روڊ حيدرآباد مان بلوٽسڪي پريس مان ڇپرايو. پهرين مرزا صاحب جي ڪيل ترجمي مان ڪي سٽون ڏجن ٿيون ته جيئن موازنو ڪري سگهجي: ”اتفاقي ميلاپ ڪري جا خوشي پيءُ پٽ کي ٿي، سا ڳالهه ڪرڻ کان ٻاهر آهي. ڇا لاءِ جو هنن هڪ ٻئي کي طوفان ۾ ٻڏو ٿي سمجهيو. مرنڊا حيرت ۾ چوڻ لڳي ته اڙي هي ڇا؟ هي ته ڪهڙا ساهه وارا آهن! جنهن دنيا ۾ اهڙا ماڻهو آهن، سا ڪهڙي نه چڱي هوندي.“ (24)

ڄيٺمل پرسرام جي ڪيل ترجمي مان مثال:

”نيپلس جو راجا آلنسو هو. راجا جي راڄ ۾ مِلن جي رياست هئي، جنهن جو حاڪم شهزادو پراسپرو هو، پراسپرو آچجوان ماڻهو هو، هن جي دل عجيب هئي. هو ڳجهئين ڳيت وديائن ۾ ماهر هو.“ (25)

مرزا صاحب جي ٻولي آسان ۽ پرسرام جي ڪيل ترجمي ۾ هندي لفظ گهڻا آهن، جنهن جي ادائگيءَ ۽ پڙهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ٿئي ٿي.

2 - ڏنگيءَ زال کي سڌو ڪرڻ (The Taming of  Shrew):

هن قصي جو بنيادي ڪردار ڪيٽرائن آهي، جيڪا بدمزاجي ڇڏي خوش مزاج بڻجي وڃي ٿي. هي ڪردار سيرت نگاريءَ تي ٻڌل آهي.

3- روميو جيوليٽ (Romeo & Juliet):

هن قصي ۾ رومانس جي وسيع مفهوم ۽ مقصد کي نروار ٿيندو ڏسجي ٿو. جيوليٽ ۽ روميو جي موت، سورهيائيءَ، واعدو نڀائڻ ۽ انساني تشخص تي ٻڌل هي قصو ظاهر ڪري ٿو ته ٻن خاندانن جي

پراڻي دشمنيءَ جو  ٻن نوجوانن جي محبت خاتمو آڻي ٿي. اها دشمني ايتري قدر هئي جو نوڪرن ۽ واسطيدارن تائين پهچي چڪي هئي. ويرونا جي بازارين ۾ مانٽيگو ۽ ڪئپيوليٽ گهراڻي جو ڪوبه فرد، نوڪر يا تعلق رکندڙ هڪٻئي سان آمهون سامهون ٿيندو هو ته جهيڙو ٿي پوندو هو. ان جي ڪري ويرونا شهر ۾ بي آرامي ۽ وڳوڙ رهندو هو. روميو ۽ جيوليٽ جو موت ٻن خاندانن جي بي جا ضد، دشمنيءَ ۽ خون خرابي کي ختم ڪري ٿو. هن قصي ۾ سينٽ لارينس جو ڪردار، روشن خياليءَ ۽ سماج ڏانهن مثبت رويي جي علامت آهي، جنهن جي ڪري ڀلائيءَ ۽ همدرديءَ جو تصور اُڀري ٿو. روميو جيوليٽ مان هي اقتباس مرزا صاحب جي ٻولين مٿان عبور ۽ مهارت کي ظاهر ڪري ٿو. سنڌي ٻوليءَ جو هي انداز ڪيئن نه نشان بر ٿي بيٺو آهي:

"نيٺ ندوري پرهه ڦٽيءَ ۾ جڏهن جيوليٽ فجر جي پکين جي ٻولي ٻُڌي، تڏهن خدا کي پئي سوال ڪيائين ته شل اِها رات جي پکين جي ٻولي هجي! پر اهو پرڀات وارن پکين جو آواز هو، جو مٿو گهٽو ئي هو پر جيوليٽ کي تمام خراب پئي لڳو. صبوح جو سوجهرو اُڀرندي کان ڏسڻ ۾ آيو، جنهن ڪري عشق وارن جي جدائيءَ جو وقت تمام اچي ويجهو ٿيو. روميو مرندي جهرندي پنهنجي زال کان موڪلايو ۽ انجام ڪيائين ته هر روز مانٽيو يا مان توڏي خط پيو لکندس." (26)

4- ٻارهين رات، يا جيڪا تنهنجي مرضي (Twelfth Night: Or What you Will):

هي به هڪ عشقيه قصو آهي، جنهن ۾ ڀاءُ ۽ ڀيڻ ساموندي سفر ڪندي جدا ٿي وڃن ٿا. جهاز ٻُڏي وڃي ٿو،  ڀيڻ ڀاءُ کي مئل سمجهي ٿي، پر همت نٿي هاري. ڀيڻ ويولا، اليريا جي حاڪم ڊيوڪ آرسينو وٽ مرداڻو ويس ڪري سيزيريو جي نالي سان نوڪر ٿئي ٿي ۽ کيس پسند ڪرڻ لڳي ٿي. ڊيوڪ آرسينو جي محبت هڪ اميرزاديءَ آليو يا سان آهي. هي رومانوي قصو ڊرامائي انداز رکي ٿو.

5- وچ اونهاري جو خواب (The Mid-Summer Night Dream):

هن قصي ۾ ائينز جي آڳاٽين ريتن ۽ رواجن جي ڇاڻ ملي ٿي. ڪنهن وقت اهو قانون لاڳو هو ته شهر واسي پنهنجين نياڻين کي جن سان وڻين تن سان زور ڪري پرڻائي ڇڏيندا هئا ۽ جي ڪا ڏيءُ پيءُ

جي چونديل مڙس سان وهانوَ لاءِ تيار نه هوندي هئي ۽ انڪار ڪندي هئي ته سندس پيءُ کي قانون موجب اختيار هو ته هن کي قتل ڪري ڇڏي. هي قصو ان موضوع تي ٻڌل آهي.

6- سياري جي ڳالهه (The Winters Tale):

مٿيون قصو ٻن بادشاهن جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ شڪ جي ڪري ليانٽيز (سسلي جو حاڪم) پنهنجي راڻيءَ هرميوني کي قيد ۾ وجهرائي ٿو. هرميوني صبر ۽ تحمل سان هر ڏک کي برداشت ڪري ٿي. آخر سندس بي گناهي ثابت ٿئي ٿي، تڏهن ليانٽيز پڇتائي ٿو. هيءَ ڪهاڻي احساسن ۽ جذبن جهڙوڪ وفا، ايثار ۽ محبت جهڙن لازوال قدرن تي ٻڌل آهي. هيءَ ڏکائتو قصو آهي، پر انجام چڱو اٿس.

7- ليئر بادشاهه (King Lear):

هيءُ قصو به اڳاٽو قصو آهي، جنهن ۾ هڪ وڏو پيغام ڏنل آهي. سچ چوڻ جي همت، جرئت ۽ حقيقتن کي تسليم ڪرڻ آهي. هيءُ قصو حضرت عيسيٰ عليهه السّلام جي پيدا ٿيڻ کان به پهرين جو آهي. هن ۾ ڪارڊيليا جو ڪردار حقيقت پسندانه آهي. هن جو مرڪزي خيال اهو آهي ته آخر ۾ اجائي خوشامد پسند ڪندڙن کي، ڪهڙي نه تڪليف اچي ٿي. هو نيڪ ۽ پيار ڪندڙ انسانن کي سڃاڻي نٿا سگهن. ڪارڊيليا ان جو مثال آهي. اقتدار جو نشو ڪين سچ ٻُڌڻ کان دور ڪري ٿو.

8- ڊينمارڪ جو شهزادو هئملٽ (Hemlet, Prince of Denmark):

هئملٽ کي به مرزا صاحب، قصي جي روپ ۾ ۽ ڊرامي جي صورت ۾ الٿو ڪيو آهي. هي قصو به بدلي وٺڻ، دوکي ۽ فريب جي تاجي پيٽي سان اُٽيل آهي.

9- مئڪبيٿ (Mecbeth):

هيءُ قصو لالچ، ڊوهه ۽ بَديءَ کي ظاهر ڪري ٿو. هن قصي ۾ ڏائڻين جو ڪردار ۽ جادو ملي ٿو. اقتدار جي حوس، خون خرابو هن جو موضوع آهي. برائيءَ جو انجام بُرو آهي.

10- ٿوري ڳالهه جي لاءِ گهڻو بکيڙو (Much a do about nothing):

هن قصي ۾ شڪ جهڙي برائيءَ ۽ بيماريءَ جي پس منظر ۾، محبت ۽ سچائيءَ جهڙين حقيقتن کي نروار ڪيو ويو آهي. هن ۾

شامل ڪردار بينڊڪ ۽ بياٽرس ڪي ڪوڙي چرچي جي زور تي محبت ٿئي ٿي، جا پوءِ حقيقت جو روپ وٺي ٿي. جڏهن سچي ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي، تڏهن به هن جي محبت گهٽجي نٿي. مٿين ڪردارن جي مدد سان ڪلاڊيو جڏهن هيرو تي الزام هڻي ٿو ته اُهي (بياٽرس ۽ بينڊڪ) ان جي مڙهيل الزام کي رد ڪن ٿا. هي سچ کي ظاهر ڪن ٿا ته هيرو بي قصور آهي.

11- وينس جو واپاري ( The Merchant of Venice):

هن ۾ وياج خوري ڪندڙ شائيلاڪ يهودي عيسائي مذهب وارن واپارين کان ڳرو
وياج وٺندو هو. بي رحم ۽ سخت دل ماڻهو هو. اينٽونيو جي ان يهوديءَ سان ڏيتيءَ ليتيءَ تي اٽبٽت ٿي پئي ٿي. لالچي يهودي ۽ سخي سوداگر انٽونيو، بيسِنيو (Bassanio) ۽ پورشيا جي چؤطرف هيءَ ڪهاڻي ڦري ٿي. دوستيءَ ۽ پيار جهڙي لازوال جذبي جو قدر هن قصي ۾ ملي ٿو.

12- ويرونا جا ٻه سگهڙ ماڻهو (Two Gentle man of Verona):

والينٽئن ۽ پروٽيوز پهرئين به دوست پر پوءِ پروٽيوز، پنهنجي دوست سان دوکو ڪري ٿو. جوليا پروٽيوز جي عاشق ۽ سلويا والينٽئن جي محبوبه سچائي ۽ وفاداريءَ جي ڪري پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيون. هن قصي ۾ سفر ڪرڻ ۽ ٻين ملڪن جي درٻارين ۾ وڃي رهڻ کي علم، هنر ۽ ذهانت جو ذريعو سمجهيو ويو آهي.

13- چوڪن جو چرچو (درست صورت خطي چُڪن (The Comedy of Error):

مٿئين عنوان ۾ چوڪن کي چُڪن ڪري پڙهجي. هي هڪ ڪاميڊي آهي، جنهن ۾ جاڙن ڀائرن جي هڪ جهڙي شڪل هجڻ ڪري چرچا ٿين ٿا. هن ۾ ڪوبه Romance ناهي.

14- جيڪا تنهنجي مرضي (As you Like It):

فرانس جي آڳاٽي سماج جي جوڙجڪ تي ٻڌل قصو آهي، جڏهن فرانس صوبن ۾ ورهايل هو. ان وقت جي ڊيوڪ پنهنجي ڀاءُ کي نيڪالي ڏيئي ان جي ڌيءُ روزلينڊ کي پنهنجي ڌيءُ سيليا لاءِ ترسائي ڇڏيو ته جيئن هوءَ سيليا کي وندرائي. هونئن به سيليا ۽

روزلينڊ ۾ گهڻو پيار هو. سياسي مخالفن کي نيڪالي ڏني وڃي ٿي. آرڊين جي ٻيلي ۾ ڊيوڪ ۽ ان جا ٻيا ساٿي وڃي رهن ٿا. سيليا ۽ روزلينڊ ٻيلي ۾ پهچن ٿيون ته ڪلائمڪس پيدا ٿئي ٿو. هي قصو عشقيه پهلو رکي ٿو.

15- جنهن ڪم جي پڇاڙي چڱي سو سڄو ئي چڱو (Alls well that ends well):

برٽرام راسلين جو ڪائونٽ هو، پنهنجي ماءُ سان رهندو هو. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ فرانس جو بادشاهه کيس پنهنجي درٻار ۾ گهرائي ٿو. بادشاهه جو حڪم مڃڻ فرض هو، هو ان حڪم جي پيروي ڪندي ماءُ کي هيلينا سان گڏ ڇڏي وڃي ٿو، جو بادشاهه جي مرضيءَ ڪانسواءِ پن به چُري نٿو سگهي.

هيلينا هڪ طبيب جي سياڻي ڌيءُ آهي، جنهن کي برٽرام جي ماءُ نپائي وڏو ڪيو آهي. هوءَ برٽرام کي پسند ڪري ٿي، پر سندن وچ ۾ طبقاتي ويڇا آهن. هوءَ هڪ گمنام خاندان جي يتيم ڇوڪري آهي ۽ برٽرام هڪ ڪائونٽ ۽ امير آهي. هيلينا فرانس جي بادشاهه جي بيماريءَ جو ٻُڌي ان درٻار تائين پهچي ٿي ۽ دعويٰ ڪري ٿي ته پيءُ طرفان ڏنل ناياب نسخي جي ڪتب آڻڻ سان هوءَ بادشاهه کي صحتياب ڪري سگهي ٿي. جڏهن هيلينا ڪامياب ٿئي ٿي ۽ بادشاهه جي واعدي موجب هوءَ کيس ٻُڌائي ٿي ته هوءَ برٽرام سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي. برٽرام مجبوراً ساڻس شادي ڪري ٿو. ان وقت اهو رواج به هو ته بادشاهه جي مرضيءَ موجب شاديون ٿينديون هيون.

برٽرام هيلينا کي هڪ غريب ۽ سندس ٽڪرن تي پليل هڪ عام عورت سمجهي ٿو ۽ کيس ڇڏي ٻئي شهر هليو وڃي ٿو. برٽرام جي ماءُ ٻنهي جي وڃڻ سان رنجيده آهي، پر هوءَ هڪ تحمل واري ماءُ جي روپ ۾ هڪ مثالي ڪردار آهي. نيٺ وڏيءَ جاکوڙ سان هيلينا پنهنجي ور کي حاصل ڪري ٿي. هن جي من ۾ پنهنجي لاءِ محبت کي زندهه ڪري ٿي. هي هڪ سهڻو ۽ دلچسپ قصو آهي. ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

”هيلينا ڪيترن ئي ڏينهن کان برٽرام جي محبت دل ۾ سانڍيو ايندي هئي...... کيس اها خبر هئي ته هو راسلين جو ڪائونٽ ۽ فرانس جي هڪ وڏي جهوني خاندان مان آهي. آءٌ غريب زال آهيان، منهنجا مائٽ گمنام آهن، هوءَ برٽرام کي پنهنجو ڌڻي سمجهندي هئي..... هميشه اها مراد هوندي هيس ته شل سندس در تي پورهيو ڪري مري وڃان. هن سان پيار ڪرڻ ۽ شاديءَ جي اميد رکڻ ائين آهي جهڙي

ڪنهن ڏور چمڪندڙ تاري تائين پهچڻ. برٽرام جي وڃڻ ڪري هن جون اکيون، ڳوڙهن سان ۽ دل ڏک سان ڀرجي آئي.″ (27)

16- اِٿينس وارو ٽائيمن (Timon of Athens):

ٽائيمن هڪ سخي، بهادر ۽ مدد ڪرڻ وارو، دوستن جو دوست ايٿنز شهر جو امير دولتمند، جنهن جي دولت ۽ پئسو غريب توڙي امير لاءِ وقف آهي. هن پنهنجي ديس واسين سان پيار ڪيو ۽ پنهنجي دولت مٿن خرچ ڪندو رهيو. ان مان خوشامدي ۽ مفاد پرست فائدو حاصل ڪندا رهيا. نيٺ دولت ختم ٿي ته اُهي دوست، خوشامديءَ ۽ منافق ڪانئس ڦِري ويا. پوءِ ٽائيمن شهر ڇڏي جهنگ ۾ جانورن سان وڃي رهي ٿو. ڪيس انسان ذات ڪان نفرت ٿي وڃي ٿي. ايترن خوشامدي دوستن مان سندس گهڻ گهرو فليوئيس (بورچي) ڪيس واپس وٺڻ لاءِ جهنگ ۾ وڃي ٿو. پر ٽائيمن ڪي ذهني ۽ دلي طرح جيڪو صدمو رسيو هو، ان ڪري هو فليوئيس ڪي به برداشت نٿو ڪري. هو سچي محبت ڪرڻ واري انسان سان به نفرت ڪري ٿو. ٽائمن جي ڪردار ۾ نفسياتي دباءُ ۽ صدمي جي اثر هيٺ سندس شديد ردعمل ڪي ڏيکاريو ويو آهي. هي هڪ المناڪ قصو آهي. هن قصي ۾ ڏيکاريل هڪ دؤر جي بي حسي، مفاد پرستي ۽ خوشامد واري بيماريءَ ڪي اجوڪي دؤر سان ڀيٽي سگهجي ٿو. مرزا صاحب جو هيءُ ترجمو ٻوليءَ ۽ اسلوب جي حوالي سان اهم آهي پر هڪ دؤر جي سياسي، سماجي، ثقافتي، ريتن رسمن، دشمنين، دوستين، محبتن، وفائن ۽ انساني Nature ۾ هڪ جهڙائين ڪي پڙهندڙ جي سامهون آندو آهي. اُهي اڄ به ايئن ئي موجود آهن، جهڙيءَ طرح اُهي گذريل صدين ۾ موجود هيون. سندس ڪيل ترجمن مان اسان حقيقتن سان جڙيل تصوراتي دنيا ڪي ڏسي سگهون ٿا.

عجيب ڳالهيون:

هيءُ ڪتاب 127 ننڍڙين آکاڻين تي مشتمل آهي. هيءُ به ترجمو آهي، جنهن جو اصل ڄاڻايل ناهي. هن ڪتاب ۾ عقل، دانائيءَ. سکيا ۽ نصيحت ڏيڻ وارا واقعا آکاڻيءَ جي اسلوب ۾ بيان ڪيل آهن. مشهور فلسفين، سائنسدانن ۽ نقاشن جي زندگيءَ بابت ڪي واقعا قلمبند ٿيل آهن. مثلاً نيوٽن نقاش بينجمن ويسٽ، جارج ٽيون، شهزادو

ايڊورڊ ۽ عام ماڻهن بابت مشهور واقعن کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي. دنيا جي هر خطي ۾ قومن وٽ ڪي هيرو، سورما ۽ دانشمنديءَ جا گفتا مشهور هوندا آهن، سي به هن ڪتاب ۾ شامل آهن.

خان جي ڪٻي اک:

هيءَ آکاڻي سماجي ۽ سياسي تضادن تي ٻڌل آهي. عوام حاڪم تائين پنهنجي خيال ۽ ردعمل کي ڪيئن ان تائين پهچائي ٿو ۽ هڪ طريقهء ڪار وضع ڪري ٿو، تنهن کي بيان ڪيو ويو آهي. ڪهاڻي "خان جي ڪٻي اک" روس سان تعلق رکي ٿي. روسي هاريءَ جي ڏيءُ جي ذهانت ۽ خان جي ٻيائيءَ واري هلت بابت آهي. خان اميرن سان ڀلو ۽ غريب عوام سان ٻيائيءَ وارو رويو اختيار ڪندو هو. جڏهن خان روسي هاريءَ جي ڏيءُ کي گهرائي پڇي ٿو ته تو منهنجي ڪٻي اک جي گهُر ڇو ڪئي آهي، تڏهن اُها روسي نياڻي جواب ۾ ڪيس چوي ٿي، "اوهان جي پاسداري ۽ ٻه اکيائيءَ جي شڪايت مون عام طرح سڀني کان ٻُڌي، تڏهن سمجهيم ته اوهان جي ڪٻي اک انڌي ۽ نڪمي آهي، جو غريبن ۽ مسڪينن کي نه ٿا ڏسو." (28)

خان هن سهڻيءَ ۽ ذهين وينگس کي ٻُڌي سندس دانائيءَ واري نصيحت کي قبول ڪري ٿو ۽ سندس ذهانت کي پرکيندي تاڪيد ڪري ٿو ته هوءَ کيس ڪٻي اک بابت ياد ڏياريندي رهي.

بادشاهه ۽ گاهياڻي:

انگلينڊ جي بادشاهه جارج ٽئين بابت به هڪ واقعو آکاڻيءَ جيان بيان ٿيل آهي.

جارج ٽيون ٻهراڙيءَ ۾ هڪ گاهه جي ميدان ۾ پهتو، جتي هڪ عورت گاهه پئي ڪيو. بادشاهه کانئس پڇيو، "ٻيا ماڻهو ڪٿي آهن؟" عورت ورندي ڏني ته بادشاهه کي ڏسڻ ويا آهن. بادشاهه پڇيس ته، "تون ڇو نه وئينءَ؟" عورت چيس ته، "مون کي ڪهڙي لاچاري پئي آهي جو وڃان. مون کي پنج ٻار آهن، انهن جي لاءِ پورهيو ڪرڻو آهي، ٻيا بيوقوف آهن، سموري ڏينهن جو پورهيو وڃايو اٿن." بادشاهه هڪڙي مهر هن کي ڏيندي چيو ته، "تنهنجا سنگتي جي بادشاهه کي ڏسڻ ويا آهن، تن کي چئج ته بادشاهه پاڻ مون کي ڏسڻ آيو هو ۽ پنهنجي تصوير سوني سکي تي نڪتل نشاني ڪري مون کي ڏيئي ويو آهي." (29)

مٿيون واقعو هڪ سبق ڏئي ٿو، جنهن ۾ هڪ حاڪم جي سوچ ۽ هڪ عام ماڻهوءَ جي شعور جي پختگي بيان ٿيل آهي، جنهن جي اڄ جي دنيا جي حاڪمن ۽ سڄي ساري دنيا کي ان جي ضرورت آهي.

مرزا صاحب جي ڪهاڻين جا موضوع:

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ۾ آکاڻي لفظ ڪتب آندو آهي، جيڪو نج ۽ تز سنڌي لفظ آهي. هو جديد ڪهاڻيءَ کي به آکاڻي ڪري لکي ٿو، ان ڪري مرزا صاحب جي ڪهاڻين کي به آکاڻي ڪري لکيو اٿس. مرزا صاحب جون ڪهاڻيون يا ته ترجمو آهن ۽ ڪي وري الٿو ٿيل آهن. انهن قصي نما آکاڻين جو ماحول اُهو ئي آهي جهڙوڪ سنڌ جي عشقيه قصن ۽ داستانن ۽ ڪهاڻين جو آهي، جن کي تصوراتي ادب ۾ رکي سگهجي ٿو. مرزا صاحب ٻين ٻولين تان اُهو مواد آڻي سنڌي ٻوليءَ جي ذخيري ۾ واڌارو آندو. اهڙي قسم جو مواد پوکر داس شڪارپور مان ۽ سکر مان ماستر هريسنگهه (1888ع) ۾ پڙهندڙن جي سامهون آندو، جن ۾ ازغيبي (Super-Natural) ڪردار هوندا هئا. عشقيه وارداتن سان گڏ جِنَ، پريون پڻ ڪردارن جي حيثيت ۾ نروار ٿيندا هئا. ان جو مثال گل بڪاولي 1890ع، احمد خان جلباڻي چهار درويش، حاتم طائي جو قصو، الف ليليٰ (Arabian Nights)، حاجي امام بخش جا ترجمو ڪيل قصا ملن ٿا ۽ ٻيا ڪيترائي جن جو ذڪر ادبي تاريخن ۾ ملي ٿو. مرزا صاحب جيڪي به ترجما ڪيا، اُهي رومانوي ۽ سماجي آهن، جن مان اڪثر ترجمن جا اصل ڄاڻايل ناهن.

نيلو پکي:

هيءُ به انگريزيءَ تان ورتل آهي، جنهن جو اصل ڄاڻايل ناهي. هي الٿو ڪيل آهي، جنهن مان آڳاٽن قصن جو هڳاءُ ۽ لطف اچي ٿو. ٻن شهزادين نالي گل چهر ۽ محبوبه بانو جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ گل چهر جو ڪردار هڪ وٽندڙ سياءُ واري شهزاديءَ جو آهي ۽ محبوبه بانو منفي ڪردار ادا ڪري ٿي. هن ۾ رومانس، برائي ۽ چڱائي، محبت ۽ حسد وغيره جهڙن جذبن کي آندو ويو آهي. ان ۾ موضوعي (Subjective) سونهن جو اظهار هن ريت ملي ٿو:

”ڳالهين ڪندي اوچتو زال پنهنجو برقعو ڪيرائي وڌو ۽ اکيون اُگهيائين، جنهن ڪري بادشاهه جي نظر هن جي منهن تي پئي.

جيتوڻيڪ هوءَ تمام جوان به نه هئي، ته به نهايت حَسين هئي. هن جا گلابي ڳل، ڪاريون اکيون، سفيد پيشاني ۽ جاڙا ڀرون ڏسي بادشاهه حيران ٿي ويو. ڀيو ماتم جي ڪاري لباس ۾ هوءَ پاڻ وڌيڪ خوبصورت ٿي لڳي.″ هن ۾ جادوگريءَ ۽ طلسم سان حيرت ناڪ واقعن کي تخليق ڪيو ويو آهي. مثلاً دلفريب شاهه کي مهه لقا پري ستن ورهين لاءِ انسان مان نيلو پکي بڻائي ڇڏي ٿي. محبوبه بانوءَ جي حڪم تي گل چهر شهزادي کي پڙلائن واري ڪمري ۾ قيد ڪرڻ ۽ اتي گل چهر جو روئڻ ۽ سُڏڪڻ، ″تو مون کي وساري ڀي زال سان محبت رکي آهي، جي فيروزا نشانيءَ طور توکي ڏنا هئا، تن به توکي منهنجي يادگيري نه ڏياري.″ (30) عشقيه موضوع رکڻ سان گڏ پرين، سهڻن باغن ۽ محلن جو ذڪر جمالياتي پهلوءَ کي يعني معروضي (Objective) سونهن کي ڏسي ۽ پرکي سگهجي ٿو. سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين ۽ داستانن ۾ اهو پهلو نمايان آهي.

شهزادي محبوب جي آکاڻي:

ڀهريون ڀيرو مٿين آکاڻي بلوٽيسڪي پريس حيدرآباد مان شايع ٿي. هيءُ قصو نسل ۽ وراثت واري خيال تي ٻڌل آهي. هن قصي ۾ ڇٽون ۽ مينا جا ڪردار Fable واري عنصر کي ظاهر ڪن ٿا. ڇٽون ۽ مينا شهزادي کي هڪ سهڻي شهزاديءَ جو ڏس ڏين ٿا. اهڙي سونهن ۽ واکاڻ ٻڌي شهزادو ڪشالا ڪڍي ٿو ۽ نيٺ ان سهڻي شهزاديءَ کي حاصل ڪري ٿو.

سگهڙ زال:

هي قصو راڻيءَ ۽ بادشاهه جي چوپاسي ڦري ٿو. هن ۾ مختصر ٻارهن عنوان ۽ باب آهن، جن کي دلچسپ عنوان سان ڏار ڏار بيان ڪيو ويو آهي. سگهڙ زال جا راڻي آهي، جڏهن عقل ۽ تدبر جو اظهار ڪري ٿي ته ڪيس عتاب ۽ ڪاوڙ سَهڻي پوي ٿي.

شيطان جي ناني:

عورتن جي باري ۾ قائم ان قديم تصور تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ عورت کي ٺڳيءَ ۽ فريب جي علامت طور سمجهيو ويندو هو. ان ۾ فرسوده ريتن ۽ خيالن جي ڇاڻ ملي ٿي.

لٻا خان درزي ۽ خليفو ڪهنگ:

لبا خان درزي جدا قصو آهي ۽ خليفو ڪهنگ ڏار قصو آهي. هي  ٻئي ڪهاڻيون اسلامي حڪومتن جي دؤر ۽ خلافت واري طرزِ حڪومت ۽ سماج کي ظاهر ڪن ٿيون. ٻنهي قصن ۾ جادوءَ وارا واقعا به ملن ٿا. پَرين جي مدد ۽ جادوءَ واريون دہليون به آهن، جن ۾ اهڙي ناس آهي، جنهن کي ڏيڻ وارو پڪي ٻڻجي وڃي ٿو. جادوگر، سهڻي شهزاديءَ کي پنهنجي جادوءَ سان چب ڪري ويراني ۾ چڙي اچي ٿو. ناس ڏيڻ سان خليفو ۽ سندس وزير ڪهنگ پکي ٻڻجي وڃن ٿا.

پهرئين قصي ۾ به دوکي، لَڳيءَ ۽ لالچ جي ڪري هڪ ڪردار لبا خان درزي، پاڻ کي شهزادو سمجهي ٿو، پر نيٺ اصل شهزادو عمر پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ٿو ۽ پنهنجي تخت کي حاصل ڪري، ماءُ پيءُ سان ملي ٿو. هن قصي ۾ به هڪ پريءَ جو ڪردار آهي، جيڪا عمر جي پيءُ سلطان جي مدد ڪري ٿي، جنهن جي ڪري اصل وارث جي سڃاڻپ ٿئي ٿي. مٿيان ٻئي قصا انگريزيءَ تان ورتل آهن، جن جو اصل ڄاڻايل ناهي.

عجيب طلسم:

هن قصي جي مواد جو سرچشمو اسرائيلي روايتن ۽ مذهب جي ارتقائي مرحلن وارو دؤر آهي، جنهن ۾ بنيادي نُڪتو نبين جي معجزن کي ۽ مٿن لٿل صحيفن کي جادو سڏيو ويو. جيئن حضرت سليمان عليه السلام جن بابت ڪمزور ۽ ضعيف روايتون مشهور ٿيون. سندس معجزن کي جادو سڏيو ويو. هن قصي جو ڪردار حڪيم ابن ايوب ابراهيم ان ڪتاب کي حاصل ڪري ٿو. هو فينس جي موميائي لاش جو غلاف مٿائي اُهو ڪتاب حاصل ڪري ٿو. ان ڪتاب لاءِ جيڪو آخر ۾ فينسس کي هٿ لڳي ٿو، تنهن لاءِ هيٺ حوالو ڏجي ٿو، (ڪتاب عجيب طلسم ص:6)

”لاش سان گڏ هڪڙو عجيب ڪتاب پوريل آهي، جنهن ۾ جادو، طلسم ۽ ٻين مخفي علمن جو ڳُجهه لڪيل آهي. جڏهن حضرت آدم عليه السلام بهشت مان نڪري زمين تي آيو، فينس تڏهن اُهو ڪتاب انهيءَ کي ڏنو ويو. پوءِ نسل در نسل اهو حضرت سليمان عليه السلام کي مليو، جنهن انهيءَ جي مدد سان بيت المقدس جي عمارت ٻڌائي. انهيءَ ٻڌي فينسس کي اهو ساڳيو ڪتاب ڪيئن هٿ لڳو، تنهن جي خبر خدا کي آهي.“ (31)

بادشاهه ۽ نجوميءَ جي گفتگو هن طرح بيان ٿيل آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي ته ان ڪتاب ڪي هو جادوءَ وارو سمجهن ٿا.

مفسرين چون ٿا ته جنهن شخص بابت قرآن پاڪ هي فرمايو آهي ته: "عندَه عِلمٌ من الڪتاب" ان وٽ ڪتاب جو علم هو ۽ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنه کان منقول آهي ته ان جو نالو آصف بن برخيا هو ۽ هو حضرت سليمان جو معتمد خاص هو ۽ ڪاتب هو. هو جن نه پر انسان هو. هي جيئن ته نبي جو رفيق هو، ان صحبت ڪري ڪيس توريت، زبور ۽ رب پاڪ جي اِسمن ۽ صفات الاهيءَ سان واسطو رکندڙ اسرارن ۽ حقيقتن جو زبردست علم حاصل هو." (32)

ابراهيم ابن ايوب جو ڪردار هڪ نجوميءَ جو ڪردار آهي، جو جادوءَ سان طلسمي عمارتون ۽ ٽڪسال جوڙي ٿو. عباسي خليفن جو محل جيئن قصر الحمراءُ ۽ باغ اِرم اندلس ۾ موجود آهي. اهو محل روايتن موجب ان باغ ارم جو نمونو آهي، جن کي عاد جي قوم جوڙيو ۽ غرور ڪرڻ تي برباد ٿي ختم ٿي ويا. هي قصو پڙهڻ لائق ۽ توجه ڇڪائيندڙ آهي. مصر جي اهرامن سميت خوفناڪ ۽ حيرت ۾ وجهندڙ واقعا ملن ٿا، جنهن جي ڪري هي قصو ٻين قصن کان منفرد آهي. عشقيه پهلو ۽ قصي ۾ (Tiring Point) به دلچسپ آهي، جڏهن نجومي بادشاهه جي محبوبه ڳاٿ شهزادي تي عاشق ٿئي ٿو. جڏهن بادشاهه ڪيس شهزادي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو ته هو ڌرتيءَ تي لٺ هٽي ٿو، زمين ڦاٽي ٿي. ڳاٿ شهزادي ۽ پوڙهو نجومي زمين اندر پيهي وڃن ٿا ۽ زمين وري هڪ جهڙي ٿي وڃي ٿي.

پٽيل اڪيون ۽ پوريل اڪيون:

مٿي ڏنل عنوان سان هن ننڍڙي ڪتاب ۾ منهنجي تحقيق موجب "پٽيل اڪيون ۽ پوريل اڪيون" هڪ سهٽو مضمون ۽ به آڪاٽيون آهن، جيڪي انگريزيءَ تان ورتل آهن. "پٽيل اڪيون ۽ پوريل اڪيون" شاگرد ۽ استاد جي وچ ۾ مڪالمو (Dialogue) آهي ۽ اهو مڪالمو جنهن جي فني هيئت مضمون واري آهي. هن ۾ آندل مواد جنهن ۾ سنڌ جي فطري حُسن کي بيان ڪيو ويو آهي. هن دنيا جي وايو منڊل ۾ موجود موجودات کي سمجهڻ جي ڪوشش ٿيل آهي. هن ۾ مڪالمن جي هئڻ ڪري دلچسپيءَ جو پهلو نمايان آهي. اهڙي علمي

۽ ڄاڻ ڏيندڙ مضمون ڪي اسڪول ۽ ڪاليج جي سطح تي سنڌيءَ جي ڪورس تي رکي سگهجي ٿو.

هن مضمون ۾ ڪيترن ئي پکين، ساين ولين، جهنگلي گلن گاهن، نانگن، ڪوڏن، ڪڪرن ۽ سنڌو درياهه جي ڪنارن جي ساوڪ جو ذڪر ٿيل آهي. هن ۾ ڪتب آندل ٻوليءَ جي سونهن ۽ موضوع ڪي جنهن ترتيب سان بيان ڪيو ويو آهي، اُهو مرزا صاحب جي اِظهار جي قوت جو مظهر ۽ بيان آهي. هن مضمون جو پيغام هيءُ آهي ته "انهيءَ طرح دنيا ۾ هڪڙو ماڻهو اڪيون پٽي ٿو هلي ۽ ٻيو اکيون پوري ٿو هلي. هڪڙو گهٽو ئي ڪي ڏسي وائسي سگهي ٿو ۽ ٻيو ڪجهه به ڪين ٿو ڏسي يا ڄاڻي." (33)

هن مضمون مان ورتل چند سٽون جن مان ٻوليءَ جي رنگينيءَ ۽ ڏنل ڄاڻ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو: "اها ٻي ٻاڙي ول اٿئي. اها انهيءَ لاءِ مشهور آهي ته پنهنجي منهن نه وڌندي آهي پر ٻين وڻن تي ٿيندي آهي. انهن جي پنن ۽ ٿارين مان رس ۽ ڀاڙي پي وڌندي ۽ پکڙندي ويندي آهي، جنهن ڪري اهو وڻ سُڪي ويندو آهي، پر ڀاڻ تازي رهندي ايندي آهي. انهيءَ جي ڀاڙ آهي ئي ڪانه. ڀاڙيءَ جي بدران اها هوا تي به جي سگهندي آهي. عشق پيچ به انهيءَ قسم جي هڪڙي ول آهي." (34) ٽٽيهرن (پکي) جي باري ۾ به مفيد ۽ دلچسپ ڄاڻ ڏنل آهي.

هن ڪتاب ۾ ٻي آکاڻي "سگهڙ پائي ۽ ڇيڳرائي" ۽ ٽين "مصيبت جي وقت صبر ۽ تحمل" جي نالي سان ڏنل آهن. ٽين ڪهاڻي، جنهن ۾ ڪردارن جا نالا ۽ ماحول اصل ڪهاڻيءَ وارو ئي آهي ۽ آکاڻيءَ "سُگهڙپائي ۽ ڇيڳرائي" ۾ ڪردارن جا نالا مقامي آهن. هي نصيحت پريون آکاڻيون جن ۾ (ٻيو نمبر) هڪ تصوراتي ڪردار رکي ٿي، جيئن پريون. ٽين آکاڻي انساني جاکوڙ، ڪشالن ۽ محنت جي آکاڻي آهي، جنهن ۾ جارج ڪارلٽن هارڊمن نالي ڪردار آهن. جنهن ۾ انگلينڊ جي ٻهراڙيءَ جو ذڪر آهي، ان پس منظر ۾ هيءَ آکاڻي رٿيل آهي ۽ انگريز ماڻهن جي سمنڊ جي سفر جو احوال پڻ ملي ٿو. هن آکاڻيءَ جو مقصد به مصيبت ۾ ڪيئن صبر ۽ همت ڪجي، ٻارن ۽ وڏن لاءِ هڪ سنجيده پيغام آهي. پونچ سمنڊ جي مسافريءَ، موراڪو شهر ۽ جبرالٽر جو ذڪر ملي ٿو.

هن ڪتاب ۾ شامل ٻاراٽين آکاڻين کي ڏار ڪري ڇپائجي ۽ هن سهڻي ۽ معلوماتي واري مضمون کي ڌار ڪري آڻجي.

وامق ۽ عذرا:

هيءَ ڪهاڻي به عرب ثقافت ۽ سماج جي عڪاسي ڪري ٿي، هي هڪ عشقيه قصو آهي. هن ۾ به جادوءَ وارا واقعا ۽ پرين جو ڪردار به آهي. وامق ۽ عذرا ۽ شهزادي قدم برگ جي ڪتابڙين جي پويان ۽ ٻين تي اسان جي ٻارن جي گل ڦل جو اشتهار به ڏنل آهي ۽ مٿين تصوير تي هڪ ننڍي نينگري، لالٽين سان گوڏن پر ويٺل آهي. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهي ٻارن لاءِ آهن پر حقيقت ۾ اهي عشقيه موضوع رکندڙ قصي نما ڪهاڻيون آهن.

پائي وائي ۽ پائي وزو:

مٿئين ڪتاب ۾ ڇهه آکاڻيون ڏنل آهن، جنهن ۾ پهرين آکاڻي پائي وائي ۽ پائي وزو آهي، ۽ ڪي ڏند ڪٿائون آهن. هي قصو ننڍي ڪنڌ سان تعلق رکي ٿو، جنهن ۾ گنگا ندي، گهاٽن ٻيلن، سهڻن پکين ۽ مشهور شهرن بنگال ۽ ڪلڪتي جو ذڪر ملي ٿو. هي هڪ دلچسپ ۽ وڻندڙ قصو آهي. هن ۾ نمايان طرح سان عشقيه پهلو موجود ناهي. پائي وائي هڪ ننڍڙو نفيس سياهُ وارو نينگر ۽ پائي وزو هڪ پکيءَ جو ڪردار آهي، جو اڳتي هلي پائي وائي لاءِ وڏي حادثي جو ڪارڻ ٿئي ٿو. موسمن جي مٽجڻ سان پکيءَ جي اُڏار کي، پائي وائي سمجهي نٿو سگهي. ان پکيءَ سان ٻيلي ۾ هلندو رهي ٿو. جڏهن پائي وزو کي پنهنجا ساٿي پکي ملن ٿا ته هو انهن سان اُڏري هليو وڃي ٿو ۽ ننڍڙو پائي وائي ٻيلي ۾ رستو ڀلجي وڃي ٿو ۽ باندرن جي ٽولي کي هٿ اچي ٿو. هو ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي وڃن ٿا ۽ پائي وائي انهن سان رهي ٿو. باندر ڪيس پالي وڏو ڪن ٿا.

هن قصي جي ابتدا ۾ فطرت جي سونهن سان پيار ۽ ان جي قريب رهڻ جو احساس بيدار ٿئي ٿو ۽ اتساهه ملي ٿو. مثال ڏجي ٿو:

"شام جو اُهو پکي (پائي وزو) وڃي ڇوڪر جي سمهڻ واري جاءِ جي دريءَ تي ويهندو هو ۽ جيسين ڇوڪر کي ننڊ ايندي هئي، تيسين پيو مٺيون ٻوليون ڪندو هو، ڇڻ ته هن کي لولي ڏيئي ٿو سمهاري، پوءِ دريءَ تان ٽپي پاسي واري ڊاک جي منهه تي، هڪڙي ٽاريءَ تي چڙهي وڃي ويهندو هو ۽ اتي رات گذاريندو هو." (34)

فطرت نگاريءَ (Nature) جو مثال: ”گهر کان ونئي نديءَ تائين گاهه جي ساوڪ لڳي پئي هوندي هئي ۽ ان جي وچ ڌاري تمام جهونن انبن جي وڻن جو جهرمٽ بيٺل هو، جنهن جي هيٺيان آرڙهه جي ڏينهن ۾ مزي جهڙي ٿڌي ڇانوَ رهندي هئي.“ (35)

هن قصي جي ٻئي حصي ۾ پائي وائي بادشاهه جي محل تائين پهچي ٿو ۽ پوءِ سندس ذهانت ۽ فرمان برداريءَ کان هرڪو متاثر ٿئي ٿو. راڻي مٿس موهجي پوي ٿي. پائي وائي جي مالڪ کي وڏا انعام ڏيئي راڻي کيس پنهنجي حاضريءَ ۾ هڪ خاص نوڪر جي حيثيت ۾ رکي ٿي. نيٺ ماحول جي تبديليءَ ۽ توجه سان هو پنهنجي اصلوڪي انساني روپ ۾ اچي ٿو. هندستان جو بادشاهه اعلان ڪري ٿو ته جيڪو بنگال جي شينهن سان مقابلو ڪري ان کي ماري وجهندو ۽ مقابلو ڪٽندو، اُهو منهنجي ڌيءُ سان لائون لهندو. خوفناڪ درندن جي انسان سان خوني ويڙهه آڳاٽن ظالمانه روايتن جي ياد ڏياري ٿي. ابتدا ۾ غلامن جي ويڙهه طاقتور سان ۽ پوءِ درندن سان ڪرائي، حاڪم خوش ٿيندا هئا. ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ڪمزور کي جيئڻ جو حق به حاصل نه هو. پوءِ شهزادين لاءِ ڪن حالتن ۾ طاقتور ۽ بهادر گهوٽ حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ ايئن ڪيو ويندو هو...

تجسس ۽ منظرنگاريءَ جو مثال: ”ماڻهو حيرت ۾ پئجي ويا، ۽ ڏاڍي فڪر ۽ انتظار ۾ بيهي نهارڻ لڳا. ويهه پيرا شينهن ۽ پائي وزو هڪ ٻئي تي سانباها ۽ وارِ ڪيا، پر اجا ڪنهن به هڪڙي ٻئي کي نه ضربيو. نيٺ پائي وزو کي چڱو وجهه مليو. اوچتو ٽپ ڏيئي شينهن تي چڙهي ويٺو، کٻي هٿ سان ان کي ڪنڌ جي وارن مان ڪٽي ورتائين ۽ سڄي هٿ سان خنجر ڪڍي هن جي ڪلهن جي وچان ڳن تائين لنگهائي ڏنائين. شينهن ڪاوڙ ۽ سور کان ڦهر جون گوڙيون ڪرڻ لڳو ۽ ڏاڍي پوهه مان دشمن کي پٺن تي ڪٽي، ميدان تي ٽپي، نيٺ ڦرهه تي ڪري پيو ۽ مري ويو.“ (36)

احساسن جي اظهار جو مثال: ”گنگا ندي، جنهن کي ڏسي هن جي دل ٽپا ڏيڻ لڳي، اتي هن کي پنهنجا ننڍي هوندي جا وٿاڻ، اُهي ساڳيون گاهن جون ٻيون ۽ انبن جا گهاٽا وڻ ۽ گهاٽ ڏسڻ ۾ آيا. پانيائين ته خواب ٿو لهي. هلندو هلندو هڪڙي پونگيءَ وٽ آيو، جنهن جي اڳيان هڪڙو باغيچو هو. اجان انهيءَ پونگيءَ جي در وٽ آيو ته اُتي اکين مان ڳوڙها ڪري پيس.“ (37)

هن قصي ۾ اصلوڪي سنڌي ٻوليءَ جو هڳاءُ ۽ بيان جو انداز مرزا صاحب جي ادبي دسترس کي ظاهر ڪري ٿو. "سوني سامونڊي پري" جنڙن جي ٽوپي تصوراتي پهلو رکن ٿيون. هن ۾ جادو، جن، سونو گهوڙو ۽ جادوءَ جي اسرار تحت، حيرت انگيز واقعن جيئن بگهڙ مان انساني روپ وٺڻ ۽ ٻيڙي ٽي پوڻ، ۽ مدد ڪرڻ وغيره شامل آهي.

هن مجموعي ۾ چوٿين آکاڻي "پنڊورا ۽ عجيب پيٽي" آهي. پنجين "بادشاهه ميڊاز" ۽ ڇهين "ڪنين وارو گهوڙو پيگاسس" آهن، جن جو تعلق (Greek) يوناني ادب سان آهي. جيئن ته هن قصي جو تعلق Greek Mythology (ڏند ڪٿا) سان آهي، ان ڪري ان ۾ دلچسپ ڪردارن جو ذڪر ملي ٿو.

ڏند ڪٿائن جو ترجمو

ڏند ڪٿا جي ان ڪري اهميت هوندي آهي جو اُها (انسان) جي وضاحت ڪري ٿي. هڪ وصف موجب:

"Mythology is a part of a man need to explain to himself the origin and the wonders of the earth.." (38)

Pandora جي ڪردارن کي ڏندڪٿائن ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

"Pandora, the first woman made for Zeus, so that she might through her punishment for the theft by Prometheus of heavenly fire, given a box from which escaped spread all the ills of human life.." (39)

هن ڏند ڪٿا ۾ پنڊورا اُها عجيب پيٽي کولي ٿي ۽ دنيا ۾ مصيبتون ۽ ڏک پيدا ٿئي ٿو ۽ وري ان سان اُميد جو ڪرڻو به. هن قصي کي مرزا صاحب انگريزيءَ تان ترجمو ڪيو آهي. هن ۾ ڪردارن جا نالا ساڳيا ۽ ماحول به اُهو ئي ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو هن قصي جي دلچسپيءَ ۾ واڌارو ڪري ٿو.

بادشاهه ميڊاز (Kind Midas):

هن ڏند ڪٿا کي يوناني ۽ رومن ادب ۾ Legend ڪري ليکيو وڃي ٿو. يوناني ۽ رومن ليکڪن هن کي تحرير ڪيو. بنيادي طرح هي ڏند ڪٿا King Midas يونان سان تعلق رکي ٿي. هن ڏند ڪٿا جو موضوع انساني لالچ، حرص ۽ خاص نُڪتي سون سان پيار تي ٻڌل آهي. بادشاهه ميڊاز کي هڪ ڌيءُ به آهي، جنهن جو نالو مٿائي سون

ٻائي رکيو اٿس. سون ٻائيءَ سان بادشاهه جي گهڻي محبت آهي. جڏهن هٿ جي ڇهاءُ سان سندس ڌيءُ سون جو بُت بڻجي وڃي ٿي، تڏهن کيس پڇتاءُ ٿئي ٿو ۽ کيس احساس ٿئي ٿو ته ”رڳو سون اهڙي شيءِ ناهي جنهن سان انسان جون سڀ گهرجون پلجي سگهجن.“ هن ليجنڊ ۾ هڪ وڏو سبق ۽ نصيحت سمايل آهي.

کنڀن وارو گهوڙو پيگاسس:

هيءَ ڏند ڪٿا به عجيب واقعن ۽ مهم جوئيءَ تي ٻڌل آهي. پيگاسس (Pegasus) هڪ گهوڙو، جنهن جو تعلق گريڪ Myth سان آهي، جو حيرت انگيز ڪم ڪري ٿو.

“In Greek Mythology Poseidon was the god especially associated with horses, which he was thought to have created (Hippios was one of this titles) among famous mythological horses were Pegasus Arion.” (40)

هن گهوڙي کي ٻي مثال طاقت ۽ پر آهن، جنهن سان هو اُڏامي به سگهي ٿو. بيليرافن پيگاسس مدد سان گهڻن سسين واري بلا سان مقابلو ڪري ٿو ۽ ان جو خاتمو آڻي ٿو.

مرزا قليچ بيگ جي ترجمن ۽ لکڻين جي اهميت

تصوراتي ادب جي علمي، ادبي ۽ تاريخي اهميت آهي ۽ حقيقت نگاريءَ تي مشتمل ادب جي پنهنجي اهميت آهي، تصوراتي ادب انساني عقل، ڪوشش، ذهانت، حڪمت ۽ سماجي قدرن جي نيپاج ۽ علامتي انداز ۾ جانورن ۽ پکين جي ڪردارن، عشقيه داستانن جو اهڙو سلسلو آهي جيڪو اهڙين ڪهاڻين ۽ قصن کي حقيقت نگاريءَ کان جدا ڪري بيهاري ٿو ۽ تصوراتي ادب جو هڪ خاڪو ۽ ڪارج اُڀري اچي ٿو. ادب جي ڏار ڏار، موضوعن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي، تڏهن ئي ان جي علمي، ادبي، تاريخي ۽ سماجي پس منظر جو اندازو ڪري سگهبو ۽ تڏهن ئي ڪنهن ليکڪ ۽ محقق جي تحريرن ۽ ڪم کي پرکي سگهبو ۽ ان کي مڃتا ملي سگهندي.

مرزا قليچ بيگ جا ترجما، اٿو ڪيل مواد ۽ سندس ناول خاص طرح (دلارام ۽ زينت) اُن وقت جي حالتن ۽ سماجي اُٿل پٿل جي نتيجي ۾ لکيا ويا ته جيئن سنڌي سماج نون رجحانن ۽ لاڙن جو اثر قبول ڪندي بهتريءَ لاءِ اڳتي وڌي سگهي. تصوراتي ادب کي الٿو ڪري ”دلپسند قصا“ ، ”عجيب ڳالهيون“ ۽ ٻيو مواد سنڌيءَ ۾ آڻڻ جو مقصد

اهو هو ته جيئن ۽ پين سماجن ۽ ريتن رسمن کي چاڻي سگهجي ۽ سماجي زندگيءَ جو اندازو ڪري سگهجي،

مرزا قليچ بيگ انگريزي، رومن، يوناني ۽ فرانسيسي ادب جي شاهڪار تحريرن ۽ آڳاٽي ادب جو ترجمو ۽ الٿو ڪيو، ۽ پنهنجي وقت جي مشهور ليکڪن وليم شيڪسپيئر، وڪٽر هيوگو ۽ بروڪن.ٽي.واشنگٽن جي تحريرن جو ترجمو ڪيو. Brooken.T.Washington جو لکيل ناول "Up from Salvery" "غلاميءَ کان مٿي چڙهو" عام ماڻهن ۾ جدوجهد جو جذبو پيدا ڪرڻ ۽ غلاميءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ واري پيغام تي ٻڌل ناول آهي. Victor Hugo جو "Les Miserables" (مصيبت ماريا سائين سنواريا) اهم ناول آهن. هنن ناولن جي ترجمي ڪرڻ جو مقصد اهو ئي ٿي سگهي ٿو ته عام ماڻهوءَ ۾ جاڳرتا اچي. مٿين ناولن ۾ تبديلي آڻڻ، طبقاتي نظام جي خلاف جدوجهد، غربت ۽ ان دؤر جي Taboos کي وائکو ڪيو ويو آهي، سماجي برائين کان علاوه عورتن جي سماجي رتبي تي قلم کنيو ويو آهي ۽ ملڪ جو قانون سڀني لاءِ هڪ هئڻ گهرجي. سندس ترجمن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو ادب جي مختلف موضوعن ۾ دلچسپي رکندڙ هو. مٿين ناولن جي چونڊ مرزا صاحب کي تبديلي پسند، جدت پسند ۽ روشن خيال ليکڪ جي حيثيت ۾ سامهون آڻي ٿي.

مرزا قليچ بيگ جو لاڙو مغل تهذيب، جاگيرداري نظام، نواب ۽ نوابزادين ڏانهن پڻ معلوم ٿئي ٿو. هو انگريزي ادب کان به گهڻو واقف هو ۽ ان جو اثر قبول ڪيائين. سندس تحريرن جو انداز بيانيه آهي. الٿو ڪيل ڪهاڻيون، ڊراما ۽ ترجمو ٿيل ناول سنڌي ٻوليءَ جو شاهڪار آهن. ڪيترين ئي ڪهاڻين جو مثال ڏيئي سگهجي ٿو. داستان جهڙو رنگين انگ رکندڙ هي ڪهاڻيون سنسني خيز واقعن ۽ عشق جي جذبات سان پريل آهن. قديم سماج جي نمائندگي ڪندڙ هي مواد پنهنجي اندر دلچسپيءَ جو سامان پيش ڪري ٿو. تصوراتي ادب پڻ اهميت وارو آهي، جو يورپ وارن انهن قديم تصورن کي وساريو ناهي ۽ انهن کي جيئاري حقيقت جو روپ ڏنو اٿن. ڪيتريون ئي فلمون ٺاهي سنسني خيز، خوفناڪ ۽ سائنسي ڪمالن جي هڪ دنيا پيش ڪئي اٿن. تصور ڪڏهن به پراڻا نه ٿيندا آهن، انهن ۾ جاذبيت ۽ ڪشش آهي ۽ رهندي..

هوندي ته جديد ڪهاڻيءَ ٻن مهاڀاري جنگين جي وچ واري دؤر ۾ زور ورتو، جنهن ۾ سماجي شعور جي سجاڳيءَ جو اظهار ملي ٿو. ان جو مثال سنڌي ادب ۾ ”چمڙا پوش جون آکاڻيون“ (1923ع) ڇپيل پرسرام جون تحرير ڪيل آهن. جڏهن سنڌي ادب جي شروعات تي نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته نثر ۾ ڇپيل ڪهاڻيون ديوناگري رسم الخط ۾ لکيل آهن، جن ڪي جارج اسٽيڪ پنهنجي سنڌي گرامر ( Sindhi Grammar 1849) سان گڏ ڇپرايو، جن ڪي ”پنج اوائلي شايع ٿيل آکاڻيون“ جي عنوان سان ظاهر ڪرڻ وارو ڪم ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ڪيو آهي. سنڌي ادبي تاريخن توڙي انگريزيءَ ۾ لکيل ادبي تاريخن ۾ مرزا صاحب جي لکيل ڪهاڻي ”شريفه بيگم“ جو ذڪر نٿو ملي. هن ڪهاڻيءَ جو ذڪر مستند سنڌي ادبي تاريخن ۾ به ٿيل ناهي، پر آزاديءَ کان پوءِ لکيل ادبي تاريخن ۾ ان جو ذڪر ملي ٿو، جن ۾ مرزا صاحب جي لکيل ڪهاڻيءَ ”شريفه بيگم“ کي پهرين جديد ڪهاڻي قرار ڏنو ويو آهي، جنهن جو سربستو ذريعو رانجهڻ خان جو تحرير ڪيل ”آزاديءَ کان اڳ سنڌي افسانو“ مونوگراف آهي.

پنهنجي زميندار جي ڳالهه (1845ع) غلام حسين قريشي ۽ سڌا تورو ۽ ڪڌا تورو (1855ع) سيد ميران محمد شاهه (اول) پنڊت بنسي ڌر جي هندي قصن تان ترجمو ڪيو. سيد ميران محمد شاهه ”سڌا تورو ۽ ڪڌا تورو“ جو ترجمو ڪيو، جا مهراڻ (1959-1ع) ۾ ڇپي هئي. مٿين ڳالهين ۾ اخلاق ۽ سماجي حالتن جي ڄاڻ ۽ نصيحت ملي ٿي، خالصتاً ڇئي سگهجي ٿو ته اهڙين لکڻين جي ابتدا ٿي، جنهن ۾ سنڌي سماجي موضوعن کي اهميت ملي.

مرزا صاحب جي ”شريفه بيگم“ ان دؤر جي ڪهڙي اخبار يا رسالي ۾ ڇپي، تنهن جو ذڪر نٿو ملي. رڳو سال 1914ع ڏنل آهي. رانجهڻ خان لکي ٿو، ”1914ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو هڪڙو افسانو ”شريفه بيگم“ جي عنوان سان شايع ٿيو، ان کي اسين جيڪڏهن موجوده افساني جو پيش خيمو چئون ته بجا آهي. جيتوڻيڪ هن افساني جو مضمون سماج جي اصلاح آهي، پر ان جي سٽا موجوده افساني کان ٻيءَ طرز جي نه آهي. هن افساني ۾ مرزا صاحب جو مرڪزي ڪردار پنهنجي عمل سان ثابت ٿو ڪري ته انسان پنهنجي همت سان آهستي آهستي پنهنجي مقصد ۽ منزل تائين پهچي سگهي ٿو. ميان محمد امين جنهن پنهنجي زندگي تڪليف ۽ مصيبت ۾ پئي

گذاري ۽ ڪيس مفلسي وڪوڙي ويئي هئي، تنهن پنهنجي ڏنڏي اخبار نويسيءَ تي مڪمل اعتبار ٿي رکيو. جيتوڻيڪ هن کي پنهنجي ڪم ۾ ڪابه ترقي نظر نٿي آئي ۽ سندس گهر واري پڻ سندس انهيءَ وقت وڃائڻ تي ناراض هوندي هئي. ان بعد افسانه نگار هن جي گهر جي حالت بيان ڪري ٿو، جنهن مان اسان کي سچي ماحول جي خبر پئجي وڃي ٿي. انهيءَ زماني ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي ٿي. حڪومت کي پروپيگنڊا لاءِ هڪ اهڙي اخبار نويس جي ضرورت پئي، جو وقت جي ضرورت موجب عوام جي دلين ۾ جنگ جي حالتن بابت دشمنن جي لاءِ نفرت جو جذبو پيدا ڪري سگهي. ان لاءِ ميان محمد امين کي چونڊيو ويو. جنگ جي چئن سالن جي عرصي ۾ محمد امين پنهنجي زندگيءَ کي ٺاهي ونئي ٿو، ۽ هاڻي هو مفلس نه آهي، پر هو دولتمند شخص آهي، جنهن وٽ پنهنجو بنگلو به آهي ۽ نوڪر چاڪر به آهن.” (41)

رانجهڻ خان لکي ٿو، ”مرزا قليچ بيگ جي دؤر ۾ شايد ٻيا به افسانه لکيا ويا هجن، پر جيئن ته انهن جو ڪوبه نشان هن وقت ملي نٿو سگهي، ان ڪري ايئن چئي سگهجي ٿو ته افساني نويسيءَ ان دؤر ۾ ڪا خاص ترقي نه ڪئي هئي.” (42)

”سنڌي افسانو“ جو مصنف ان نُڪتي تي سهمت آهي ته افسانه نگاريءَ خاص ترقي نه ڪئي ۽ اهو ابتدائي دؤر هو ۽ تحقيق ۾ شايد جو لفظ ڪتب نه آندو ويندو آهي. ”سڌا تورو ۽ ڪڌا تورو“ ۽ ”شريفه بيگم“ جو موضوع سياسي ۽ سماجي آهي، جنهن ۾ سڌا توري کي حڪومت پاران چڱن ڪمن تي شاباسي ۽ انعام ملي ٿو. اهڙيءَ طرح محمد امين، حڪومتي ڪارندو ٿي، مالدار ٿئي ٿو. هنن ڳالهين ۾ عوام جي ذهن کي Washout ڪرڻ جي ڪوشش ٿيل آهي.

مٿي اهو ظاهر ڪيو ويو آهي ته پنهنجي محنت ۽ عمل سان ڪوبه پنهنجين حالتن کي تبديل ڪري سگهي ٿو. اهو مقصد آڳاٽي ادب ۾ به نمايان نظر اچي ٿو. بادشاهه، وزير، شهزادا پنهنجي مقصد تائين پهچڻ لاءِ، ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيئي پنهنجن منزل تي پهچن ٿا. جديد ڪهاڻيءَ جو مقصد ۽ دائرو محدود ناهي، ان جو دائرو وسيع آهي، جنهن ۾ انساني زندگيءَ جا روپ، جدا جدا پهلوئن جي نمائندگي ۽ وضاحتون ڪن ٿا. ناڪاميابي، شڪست، رنج، الم ۽ خوشيون پڻ زندگيءَ جو حصو آهن. انهن کي فوڪس ڪرڻ، هڪ منجهيل ۽ تخليقي قوت رکندڙ ليکڪ ئي ڪري سگهي ٿو. ان ڪري

”شريفه بيگم“ جو مقصد آڳاٽي ادب جهڙو ئي آهي، ان ڪري ان کي جديد ڪهاڻي تسليم نٿو ڪري سگهجي. بهرحال هن ڪهاڻيءَ بابت کوجنا جي ضرورت آهي. ٿي سگهي ٿو ته مٿين ڪهاڻي مرزا صاحب جي وارثن ۽ پونئرن وٽ هجي. جيڪڏهن اهو مواد وٽن آهي ته اُهو منظرعام تي اچڻ گهرجي ته جيئن جديد ڪهاڻيءَ جي تاريخ فن ۽ فڪر جي حوالي سان مڪمل ٿي سگهي.

اوائلي قصن بابت ڪي وضاحتون

1- سڌا توري ۽ ڪڌا توري جي ڳالهه سنڌي ادب جو نثري قصو آهي. غلام محمد گرامي جن لکن ٿا، ”سڌا توري ڪڌا توري“ جي ڳالهه کي سنڌ جي اوائلي نثر ۾ بنيادي (Classical) حيثيت حاصل آهي. اوڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري، جڏهن سنڌي لپي جي جوڙجڪ اجان تجربي ۽ تجويز جي مرحلن ۾ هئي ته هيءُ ڪتاب ان وقت پهرئين پهرئين لٿو ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. اصل قصو هنديءَ ۾ مني ڏر نالي مصنف جو جوڙيل آهي، جنهن کي حافظ حاجي سيد ميران محمد شاهه اول مٽيارين واري (1309-1245) سنڌي وائيءَ ۾ ترجمو ڪيو.“ (43)

مٿين حوالي مان ڄاڻ پئي ٿي ته هي قصو پهرين لٿو ۾ ۽ پوءِ 1855ع ۾ ٻيهر ڇپيو. ان ڪانپوءِ پنيي زميندار جي ڳالهه (1855ع) شايع ٿي. سنڌي نثر جي تاريخ (ملڪاڻي) جي ڪتاب ص: 34 تي درج ٿيل آهي، ”مٿيون ٻئي ڳالهيون بنسي ڌر چرنجي لال جي هندي قصن تان ورتل هيون ۽ سنڌيءَ ۾ اوائلي آکاڻين مان هيون.“ مرحوم مولانا غلام محمد گرامي صاحب جن لکن ٿا، ”هن ڪتاب جي مهڙ ۾ هيءَ عبارت آيل آهي، ”هيءُ ڪتاب قصو سبدي ڪبدي جو هندي ٻوليءَ ۾ پنڊت مَني ڌر جوڙيو هو، جنهن کي ڪمشنر صاحب بهادر سنڌ جي حڪم سان سيد ميران محمد شاهه رهنڌڙ (مٽارن) مٽيارين جي سنڌي وائيءَ ۾ ترجمو (ڪُئوا) ڪيو.“ (44)

گرامي صاحب موجب هن هندي قصي جي ليکڪ جو نالو مني ڌر آهي. منگهارام ملڪاڻيءَ موجب هن قصي جو اصل مصنف بنسي ڌر چرنجي لال آهي ۽ سنڌي نثر جي تاريخ جي ڪهاڻي نويسيءَ جي اؤسر واري باب جي صفحي نمبر 39 تي درج ڪيو آهي. تاريخ جا ورق جاچيندي خبر پوي ٿي ته بنسي ڌر ۽ چرنجي لال، جدا جدا شخص آهن. هي ٻئي هم عصر پڻ هئا. ٻنهي ڪيترائي ڪتاب ۽ رسالا تصنيف ڪيا.

ماستر بنسي ڌر پنڊت هڪ اخبار "حيات هند" به جاري ڪئي. هڪ جماعت انجمن حق جي نالي سان قائم ڪئي، جنهن جو هُو صدر هو. هو نارمل اسڪول آگره ۾ استاد هو. هڪ ڪتاب "حقائق الموجودات" منشي چرنجي لال جي مدد سان تاليف ڪيائين. هي ڪتاب هڪ مڪالمي جي هيئت ۾ تحرير ڪيل آهي، جيڪو استاد ۽ شاگرد ۾ آهي ۽ عام شين جي ڄاڻ ڏنل آهي. ترجما پڻ ڪيائين.

منشي چرنجي لال الله آباد جو رهاڪو هو. فلسفي ۽ حسابن سان شوق هيس. هڪ ڪتاب مصباح السباحت (1854ع) لکيائين. ٻيو ڪتاب انگريزيءَ تان ترجمو ڪيائين، جنهن جو نالو تعليم النفس آهي. هي ڪتاب (1859ع) ۾ گورنمينٽ پريس ۾ ڇپيو." (45)

اهو ٿي سگهي ٿو ته سودي ۽ ڪبودي ڪي ماسٽر بنسي ڌر پنڊت ۽ چرنجي لال گڏجي تحرير ڪيو هجي، جنهن کي ميران محمد شاهه سنڌيءَ ۾ آندو. هڪ نه پر ٻه ليکڪ آهن. مواد کي پهچندي پهچندي ۽ وقت گذرڻ سان، پنهنجي اصليت يعني اصل ليکڪن جي نالن جي اصليت برقرار نه رکي سگهيو آهي ۽ بهتر ڇپائيءَ جي نه هجڻ ڪري ماسٽر بنسي ڌر پنڊت مني ڌر بڻجي ويو. بهرحال هن قصي ۾ حڪومتي مشنريءَ سان سهڪار ڪرڻ وارو پهلو ملي ٿو، جنهن کي ان پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجي ته انگريزن جي حڪومت کي مضبوط ڪرڻ ۾ مقامي شخصيتن کان سواءِ پڙهيل ماڻهن جو وڏو هٿ هو، جن اهڙو مواد تحرير ڪيو، جنهن سان انگريز حڪومت کي هٿي ملي.

بيتال پچيس ۽ شهزادي قدم برگ:

هي ڪتاب اصل ۾ سنسڪرت ۾ لکيل هو. هن ۾ بيتال نالي شخص جون چيل پنجويهه آکاڻيون آهن. هن جو ترجمو برج ڀاشا ۾ محمد شاهه ڪيو. ان ترجمي مان مظهر ولا 1803ع ۾ اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو. ان ڪتاب جي تياريءَ ۾ هڪ ٻئي منشي للو لالجي مظهر ولا جي مدد ڪئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن کي گردا سمل ڪرپالاٽي 1890ع ۾ آندو. هي آکاڻيون هندستان جي مختلف رسالن ۾ ڇپيون ۽ مقبول ٿيون. مرزا قليچ بيگ جي لکيل ڪهاڻي "شهزادي قدم برگ" "بيتال پچيس" تان الٿو ڪيل آهي، جنهن ۾ مغل تهذيب جي پس منظر ۾ عشقيه ڪهاڻيءَ کي بيان ڪيو ويو آهي. ٻنهي قصن جا حوالا ڏجن ٿا ته جيئن مواد جي ڀيٽ ڪري سگهجي ۽ تصديق ٿي سگهي ته

”شهزادي قدم برگ“ ”بيتال پچيس“ تان ورتل آهي. پهرين ”بيتال پچيس“ مان ورتل اقتباس هي آهي، ”انهيءَ عرصي ۾ ڪسو راج جي ڌيءُ ساهيڙين سان گڏجي تلاءُ جي ڀئي ڪناري اشنان ڪرڻ آئي. سو اشنان ڏيان ۽ پوڃا ڪري ساهيڙين کي ساڻ ڪري وڻن جي ڇانوَ ۾ ڇهل قدمي ڪرڻ لڳي. اتي ديوان ۽ راجا جو پٽ به هو جو اوچتو هن جون نگاهون راجا جي ڌيءُ سان چار ٿيون، هن جي روپ تي راجا جو پُٽ عاشق ٿي پيو. پنهنجي دل ۾ چوڻ لڳو، اي چندرِ اڪام ديو مون کي چو ٿو ستائين. پوءِ راج پتري ان ڪنور کي ڏسي، متي ۾ جو ڪنول جو گل هنيو هئائين، اهو گل هٿ ۾ کڻي ڪن سان لڳائي، ڏندن سان ڪتري، پيرن هيٺ لتاڙي، وري کڻي ڇاتيءَ سان لڳايائين ۽ ساهيڙين کي ساڻ ڪري، پالڪيءَ ۾ سوار ٿي پنهنجي مڪان ڏانهن رواني ٿي. شهزادو نهايت نراس ٿي، برهه جي باهه ۾ اڙجي ديوان وٽ آيو ۽ نهايت لڇي ٿي هن آڏو حقيقت بيان ڪرڻ لڳو.“ (46)

”شهزادي قدم برگ“ مان اقتباس ڏجي ٿو:

”جڏهن شهزادي سنهري سهي پنهنجي تنبوءَ ٻاهر نڪتي، تڏهن سندس هٿ ۾ هڪڙو گلاب جو گل هو. هن جوان شهزادي ڏي نهاري گل کڻي پنهنجن ڏندن ۾ جهليو، پوءِ کڻي پنهنجي ڪن جي پٽيان هنيائين. وري اهو پنهنجن پيرن تي کڻي رکيائين. اهو سڀ جوان شهزادي پنهنجي تنبوءَ مان ڇتائي ويٺي ڏٺو. پوءِ هوءَ پنهنجي پالڪيءَ ۾ چڙهي ويئي ۽ نوڪر پالڪي کڻي اُٿي هليا. شهزادو ڏاڍو غمگين ٿيو. شهزاديءَ جو حُسن ۽ جمال دل تان لٿس نٿي.“ (47) هن ڪهاڻيءَ ۾ به شهزادو وزير جي پٽ سان پنهنجي دل جو احوال ڪري ٿو. هي هڪ عشقيه قصو آهي.

مرزا صاحب جي سوچ وسيع ۽ سندس نظر ماضيءَ ۽ حال تي هئي، ته جيئن هو شعور ۽ عملي زندگيءَ جي باري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي. سندس تحريرون سماجي سڌاري ۽ تعليم ۽ تربيت لاءِ آهن. هن سنڌي سماج کي تبديليون قبول ڪندڙ سماج طور پيش ڪيو. ان جو ثبوت ناول زينت آهي، جنهن ۾ نهايت سادگيءَ سان سولي نموني پنهنجي فڪر ۽ خيال کي بيان ڪيو اٿس، جنهن ۾ سرائيءَ جو گهر واري باب ۾ سرائي فتح خان جو ڪردار انگريز سرڪار جي نوڪريءَ کان عار ڪندڙ ۽ گذريل حڪومت يعني ٽالپرن جي حڪومت ۽ اقتدار جو حامي آهي. اهو ڪردار پنهنجيءَ سوچ ۾ ڀين

ماڻهن کان منفرد آهي، تنهن ڪري مٿس مائٽ ڪلندا ۽ چٿرون ڪندا هئا. هو ٻهراڙيءَ ۾ رهندو هو. شهر ڪائنس ايترو پري نه هو. شهري زندگيءَ جو اثر قبول ڪندي ٻهراڙيءَ ۾ ڇڻ تبديليءَ جي شروعات ڪيائين.

ٽالپرن جي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ سنڌ جي معاشي زندگيءَ جو احوال ۽ ان دؤر جي هڪ گهريلو زندگيءَ جو عڪس ملي ٿو. ميرن جي صاحبي وئي کانپوءِ سڪر ماڻهن تي اثر ته پيو پر غريب ماڻهو غريب تر ٿيو، تنهن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. منهنجي خيال ۾ مرزا صاحب، برهمو سماج واري تحريڪ کان متاثر ٿيو ۽ "زينت" ناول لکي سنڌي عورت جي حقن ۽ ان بابت لکيائين، علم جي قدر ۽ اهميت کي اجاگر ڪيائين. ان جي وسيلي ئي سنڌي قوم پنهنجي حيثيت کي مڃائي سگهي ٿي، ۽ اهو پيغام مرزا صاحب جو پيغام آهي، جيڪو هن پنهنجيءَ قوم لاءِ ڇڏيو آهي. هونئن به سندس سوچ متوازن جدت ۽ مذهبي عقيدو رکندڙ هئي، ٻين لفظن ۾ هو هڪ صوفي هئا. سندن حياتي پاڪ صاف هئي ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ ۽ خاص طرح سنڌ جي لاءِ سندن قلم، آخري لمحن تائين نصيحت، شعور، خيال ۽ ڄاڻ ڏيندو رهيو. سندس اُهي خيال ئي هئا، جن ڪيترن ئي ڪتابن کي تخليق ڪيو. سنڌي ۾ الٽو ڪيل (سندس ئي) ايليٽ جو هي خيال مٿس ٺهڪي ٿو اچي:

"ننـــڍڙا پـــل ڏيـــنهن رات
بڻـــــــــــــــــائن،
ننـــڍڙا خيـــال ڪتـــاب،
ننـــڍڙا ٻـــج درخـــت اُپـــائن،
ننـــڍڙا ڦُـــڙا ســـيلاب."

نتيجا:

1- مرزا قليچ بيگ ابتدائي دؤر جو هڪ وڏو نالو آهي، جنهن خاص طرح انگريزي ادب کان افسانوي ادب جو ترجمو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيو. ان ڪري ان دؤر جي روايتن ادب جي هڪ خاص موضوع کي ڏسي سگهجي ٿو. مثلاً تصوراتي خيالن سان گڏ حقيقي خيالن يا حقيقت نگاريءَ جي اولين خاڪي کي ڏسي سگهجي ٿو. جيئن "دلپسند قصا" ۾

شامل ڪيترائي قصا مٿين خيالن تي ٻڌل آهن. روميو جيوليٽ، وينس جو واپاري ۽ طوفان وغيره.
2- مرزا قليچ بيگ جي ترجمن ڪردار نگاريءَ ڪي اُسرڻ ۾ مدد ڏني، جنهن جي نشاندهي منگهارام ملڪاڻيءَ ڪئي آهي.
3- مرزا صاحب جا ترجما سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ڪي بيان ڪن ٿا. ڪٿي ڪٿي سندس ٻوليءَ ۾ آڳاٽو انداز شامل آهي پر گهٽو ڪري سندس ترجما سنڌي ادب جو اهم حصو آهن، جي سندس محنت ۽ شوق ڪي ظاهر ڪن ٿا ۽ سنڌي ادب ان جو اثر قبول ڪيو.
4- سندس ڪيل ڪم (افسانوي ادب) جي حوالي سان اهم آهي. اُهو ان ڪري جو سنڌي ادب جو اُهو دؤر شروعاتي دؤر هو.
5- ڪيس جديد ڪهاڻيڪار نه پر جديد ناول نگار چئجي، ڇاڪاڻ ته "زينت" ناول ۾ جدت جو تعارف پيش ڪيو اٿائين.
6- ڪي الٿو ڪيل تحريرون آهن، جن ڪي سنڌي سماج ۽ مغل تهذيب ۽ ثقافت جي موجب بيان ڪيو ويو آهي. جيئن "شهزادي قدم برگ" ۽ "فيروز دل افروز" وغيره.
7- انگريزيءَ تان ورتل آڪاڻيون ۽ ناول به يورپي ثقافت، سماج ۽ تاريخ جو تعارف بيان ڪن ٿا.
8- مرزا صاحب ننڍي ڪنڊ ۾ هليل سماجي تحريڪن کان متاثر ٿيو، جنهن جو اثر مزاحمت واري رويي ۾ ظاهر نه ٿيو پر اُهو نهايت ئي خاموشيءَ سان سندس تحريرن ۾ ملي ٿو. جنهن جو مثال انگريزيءَ تان ڪيل ترجما ۽ ناول آهن، جي اشارتاً تبديليءَ ڏانهن وٺي وڃن ٿا، جن ۾ وڪٽر هيوگو جو "مصيبت ماريا سائين سنواريا" ناول ۽ ناٿن سئفٽ جي "گليور جو سير ۽ سفر" ۽ ناول "زينت" شامل آهن.
9- سندس تحريرن ۾ روايتن ۽ جدت جو سنگم ملي ٿو.
10- ويهين صدي، تبديليءَ ۽ جدت جي صدي هئي. مرزا قليچ بيگ ان تبديليءَ ۽ نواڻ کي سنڌي ادب تائين پهچايو. پاڻ فرسوده نظام تي تنقيد ڪيائين.
11- سماجي تحريڪن جي اثر هيٺ (خاص طرح برهمو سماج) مرزا صاحب سنڌي مسلم عورت جي مسئلن کي "زينت" ۾ آڻي، هن جي حيثيت، حقن ۽ تحفظ لاءِ آواز اُٿاريو.

حوالا:

1. شمس العلماءُ، علامه دائود پوٽو، ”شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ“ ٽماهي سنڌي ٻولي خاص نمبر، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، سال 1997ع، ص: 13.
2. جي ايم سيد، ”مرزا قليچ بيگ، مرزا فريدون بيگ“ : ساڳيو... سال 1997ع، ص: 17.
3. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ”اچو ته رڪارڊ رکون“ : ساڳيو....... سال 1997، ص: 20.
4. ابراهيم جويو، ”مرزا قليچ بيگ: انسان دوست اديب“ : ساڳيو.. سال 1997ع، ص: 34.
5. جوڻيجو، ڊاڪٽر، عبدالجبار، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ : روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، سال 1994ع، ص: 149.
6. عرساڻي، ڊاڪٽر، شمس الدين، ”آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“ : انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سال 1982ع، ص: 114-145.
7. مرزا قليچ بيگ، ”مصيبت ماريا، سائين سنواريا“ : سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سال 1977ع ، ص: 19.
8. مرزا قليچ بيگ، ”حاجي بابا اصفهاني“ : ساڳيو......... ص: 285.
9. **www.victor-Hugo.com/life**
Les, Misuables by Victor Hugo taken from the last chapter (365th) from the web-site www.victor Hugo.com
10. مرزا قليچ بيگ، ”مصيبت ماريا سائين سنواريا“ : سنڌي ادبي بورڊ، سال 1977، ص: 221.
11. مرزا قليچ بيگ، ”گلن جي ٽوڪري“ : سنڌي ادبي بورڊ، سال 1995ع، ص: 42.
12. مرزا قليچ بيگ، ”ٽي گهر.“
13. مرزا قليچ بيگ، ”ايرڪ“ : سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سال 1961ع، ص: 1.
14. مرزا قليچ بيگ، ”جولئن هوم“ : سال 1961ع، ص: 177.
15. مرزا قليچ بيگ، ”گليور جو سير ۽ سفر“ : سال 1959ع، ص: 132.
16. قريشي، محمد اسلم، ”ڊرامه نگاري ڪا فن“ : مجلس ترقي ادب-2، ڪلب روڊ لاهور، سال 1963ع، ص: 109.
17. ساڳيو...................... ص: 110.
18. مرزا قليچ بيگ، گليور جو سير ۽ سفر، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1959ع.
19. مرزا قليچ بيگ، ”سچي محبت“ : سال 1961ع، ص: 34.
20. مرزا قليچ بيگ، ”حسنا دلدار“ : ص: 9.

21. مرزا قليچ بيگ، ”شهزادو بهرام“
22. ملڪاڻي منگھارام ، سنڌي نثر جي تاريخ، روشني پبليڪيشن حيدرآباد/ ڪنڊيارو، ص: 46، سال 1993ع.
23. مرزا قليچ بيگ، ”دلپسند قصا“ : سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي- حيدرآباد، سنڌ، سال: 1959ع، ص: 17.
24. گلراجاڻي چينمل پرسرام ، ”طوفان“ : بلئوتسڪي پريس حيدرآباد، سنڌ، ص: 1.
25. دلپسند قصا، ص: 60.
26. ساڳيو....... ص: 264.
27. مرزا قليچ بيگ، ”عجيب آڪاڻيون“ : 9،8 ص: 43.
28. مرزا قليچ بيگ، ”نيلو پکي.“ (انگريزيءَ تان): بلئو ٽسڪي حيدرآباد، سال 1926ع، ص: 5.
29. طلسم................ ص: 6.
30. بيو هاروي، مولانا حفظ الرحمان صاحب، ”قصص القرآن.“ (پهريون ۽ ٻيون)، مڪتبه مدينه، آر زيڊ پيڪيجز، لاهور، ص: 147.
31. مرزا قليچ بيگ، ”پٽيل اڪيون، پوريل اڪيون“ : سنڌي ادبي بورڊ، سال 1964ع، ص: 11.
32. ساڳيو............. ص: 3.
33. مرزا قليچ بيگ، پائي وائي ۽ پائي وزو، سال 1964ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص: 3.
34. ساڳيو............ ص: 1.
35. ساڳيو............ ص: 17.
36. ساڳيو............ ص: 18.
37. www.mathaloghy Greek.com
38. چيمبرس ٽوئنٽيئٿ سينچري ڊڪشنري، ص: **954.**
39. **Sir, Paul Harvey, Classical Literature Oxford University Press, 1984, Page. No: 215, 216.**
40. ميمڻ، رانجهڻ خان، ”آزاديءَ کان اڳ، سنڌي افسانو“ : انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي حيدرآباد، سال 1966ع، ص: 16.
41. ساڳيو................ ص: 17، 18.
42. مهراڻ رسالو، 1959-1، ص: 193.
43. ساڳيو.......... ص: 194.
44. قادري، حامد حسن، ”داستانِ تاريخِ اردو“ : اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي، سال 1966ع، ص: 226 ۽ 227.
45. ساڳيو.............

46. "شهزادي قدم برگ" ، ص: 3.